

ڏيهي پرڏيهي ٿي



پگونتي ڪڪريجا

ڏيهي پرڏيهي ٿيا

(ءِ ٻيون سنڌي ڪهاڻيون)

ليکڪا : ڀڳونتي لڇمڻ ڪڪريجا



ڪڪريجا پبلشنگ هائوس

بي-۴١/۲۴۵، نوان بلاڪ،

سنڌونگر - ۴۲۱ ۰۰۵

فون : ۲۵۲۶۰۲۶

سمپادڪ : لڇمڻ ''مسافر''



شر وڻان .....

ڪڪريجا پبلشنگ هائوس جي وجوديت کان وٺي اٽڪل ٦٠
ن مٽي ڪتاب ٻال دوست، ڪرڙو مخزنون، اِتهاسڪ، شاعريءَ جا
موعا، ڪهاڻين جا ڪٿ، ٻارن جا ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ۽
ماد سان شايع ٿي پرڪاش ۾ اچي رهيا آهن. هينئر اها هستي
ي جو پاٺڪن سان اکين ۾ اکيون ملائي بنا ڪنهن هٻڪ ۽ هرڪر
ي چئي سگهون ٿا تہ سنڌي ٻولي زندهہ رهندي. اسين مستقبل
ن نااُميد ناهيون، ۽ ترتيب ڪونہ وڃائي ويٺا آهيون. ٻانهن ٻيلي
، جُنوُن سان ضرورت ۽ سمجهداريءَ سان ساحل تي لهنداسون،
هن جو اسانجي ذهن ۾ ويچار آهي. اجايو پيا نااُميد ٿي ڏاهپ
ائي وهلور ٿا وڃن ۽ پيا ٿا ٽوپا اُڏيڙن. ائين پنهنجو پاڻ کي پيا
هر ڪن. اها وايريلا بنهہ اجائي آهي.

ڪنهن مشهور هستيءَ جو قول آهي، ''جڏهن ڪو ماڻهو مون
ن اچي پڇي تہ ان جي پڇڻ جي انداز بيان ۾ ان جي عقل جو
دازو محسوس ٿيندو آهي.'' بلڪل ساڳي طرح ڪنهن ليکڪ جي
چنائن کي پڙهبو آهي تہ ان رچناڪار لاءِ ذهن ۾ هڪ جامع تصور
ي پوندو آهي تہ هو فني فڪري حوالي سان ڪيترو قداور آهي؟

انسان جي جسماني ڄمار ۽ ذهني ڄمار ۾ گهڻو ڪري فرق
جي ٿو. شريمتي پڳونتي ڪڪريجا پنهنجي عمر جي لحاظ کان
يڪ سنجيدهہ آهي. سندس سوچ ۽ فڪر گنڀيرتا سان ٽمٽار آهن ۽
ن سوچ ۾ بلوغت هوندي آهي. سندس آواز ۽ ڳالهائڻ ۾ اهڙو

1) Title of the Book : **DEHI PARDEHI THIYA**

2) Subject Matter : **STORIES**

3) Script : **ARABIC SINDHI**

4) Whether Original? : **ORIGINAL**

5) Name and Full Address of the Author :

BHAGWANTI LACHMAN KUKREJA
B41/245, New Blocks,
Ulhasnagar - 421 005
Tel. 2526026

6) Submitted by : **AUTHOR**

7) Year of Publication : **16-01-2004**

8) Printed Price of the Book : **Rs. 60/- (Rupees Sixty Only)**

NOTE : This book is partially aided by **Indus Ind, New Delhi**.

١- ڪتاب جو نالو : ڏيهي پرڏيهي ٿيا

٢- وشيہ : ڪهاڻيون

٣- لِپي : عربي سنڌي

٤- اَصلي آهي؟ : اَصلي

٥- ليکڪا جو نالو ۽ پتو : شريمتي ڀڳونتي لڇمڻ ڪڪريجا
بي- ٢٤٥/٤١، نوان بلاڪ،
سنڌونگر - ٤٢١ ٠٠٥
فون : ٢٥٢٦٠٢٦

٦- پيش ڪندڙ : ليکڪا

٧- ڪهڙي سال ۾ ڇپيو : ١٦-١-٢٠٠٤

٨- ڪتاب تي ڇپيل قيمت : ٦٠ روپيا فقط

نوٽ : هي ڪتاب اِنڊس اِنڊ، دهلي وارن جي ڪجھ سهايتا سان
ڇپيو ويو آهي.

Cover Design & Illustrations : **LACHMAN KUKREJA "MUSAFIR"**

Printed At : **SUDHA OFFSET PRINTERS**

25/34, 1st Floor, Prince Market, Ulhasnagar - 421 003. ☎ 2560465

ب آهي. ڪردار هيترو ڪيچ پائيندي به ناخوش آهي، جو
آمريڪا ۾ اهڙو ڪوبه ڪونهي جو سندس ساراهه سنڌي ٻوليءَ
ڪري. - ”ڪارو ڏاڳو“ هيءَ ڪهاڻي پنهنجي ليکي نواڻ ڪٽي
آهي، جنهن کي پاٺڪ پڙهندي محسوس ڪندا ته آخر
اري ڏاڳي“ پائڻ جو مطلب ڇا آهي؟ - ”موهن جي دڙي جي
“، ”ساجنداس جو سُڏڪو“، هنن ڪهاڻين تي سنڌي ٻوليءَ
مهان ليکڪ سرڳواسي منگهارام ملڪاڻيءَ ”نئين دنيا“ جو پورو
ڪو ساراهه لکي هئي، جا ڳالهه ڀڳونتيءَ لاءِ فخر جهڙي ڳالهه
. - ”وصيعت نامو“ وشيه نئون ۽ وطن پرستيءَ جو انوکو مثال
. سنڌونگر مان ڇا ڪٽي ويئي؟ - ڪوئي چئلينج جو جواب
دو. - انهن ڪهاڻين ۾ وري سنڌيت جي جهلڪ پئي پسجي. -
ائرو“ هن ڪهاڻيءَ ۾ مردن لاءِ دانهن ۽ شڪايت آهي جو غير
وري به آهي ته ضروري به آهي. عورتن جو ذاتي معاملو آهي.
’پاڳه پنهنجو پنهنجو“ هڪ اڄ جي ماحول جي منظرڪشي آهي،
سچ جي روپ ۾ اُڀري آئي آهي. - ”چنڊ جو ڇا ٿيو؟“ ڪهاڻي
ر ناٽڪ ۾ سچ پچ ايڪانڪيءَ جي روپ ۾ پيش ڪري سگهجي
جو سنڌيت جي جذبي سان پُر آهي ۽ پڻ سوال آهي.

۽ آخر ۾ هن ڪهاڻين جي قافلي ۾ انڊ لٺ جا رنگ آهن،
بادلن پريل آڪاش ۾ وڏيڪ رنگين ماحول پيش ڪندا آهن،
ئن سنسار جي ڪنهن به بيابان ۾ اُتن جا قافلا ۽ خيابان!
نتيءَ مان اها اُميد آهي ته اڳتي به اهڙيون ڪهاڻيون پيش
ي سنڌي ادب جي ماڳه تي قدم اڃان به اڳتي وڌائيندي ۽
ه کي روشن ڪندي.

تاثير آهي، جو کهڙي بہ گوڙ گهمسان ۾ مات ڇائنجي ويندي آهي ۽ سڀ کنهن جي توجهہ جو مرڪز بڻجي ويندي آهي.

پڳونتي بہ انهيءَ ٿهيءَ ۾ نڪري نروار ٿي نظر اچي ٿي جڻ ڪالهوڪي ڳار هئي. جڏهن جماعت ۾ پڙهندي هئي تہ هن لکڻ شروع ڪيو. اسڪول ۽ ڪاليج لاءِ سندس ڪهاڻيون سڦل ثابت ٿيون. پنجاب پرانت جي امرتسر شهر ۾ رهندي بہ هن سنڌيءَ کي ڪونہ وساريو توڙي سندس تعليم ابتدا کان وٺي هنديءَ ۾ هئي. هن هنديءَ ۾ لکندي بہ سنڌيت تي لکيو. هن سنڌيءَ سان شادي ڪئي ۽ سنڌونگر اچي وسايو.

هوءَ هڪ عورت آهي پر عورت هوندي بہ پڳونتيءَ جي ڪهاڻين ۾ اڪثر ڪٿي بہ مردن لاءِ چڙ ۽ نفرت نمودار ڪونهي، نہ وري ڪو اهڙو اظهار آهي، جيئن گهڻو ڪري ٻين سنڌي توڙي هندي ليکڪائن جي ڪهاڻين ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پڳونتيءَ جي ڪهاڻين ۾ موضوعن جي پرمار آهي. هن الڳہ الڳہ وشين کي ولوڙيو آهي. ولوڙي سچ کي ظاهر ڪري پاٺڪن سامهون رکيو آهي. ''ڏيهي پرڏيهي ٿيا'' ۾ سندس سنڌ لاءِ سِڪ ظاهر آهي ۽ حب الوطني پيئي ليئا پائي. پڙهندڙ بہ پاوناڻن ۾ اچي هنياءَ ڀري ڳوڙهن تائين تو پهچي وڃي ۽ ائين سنڌ لاءِ سار پيش ڪئي اٿس. ''ورهاڱي جي پيڙا'' ۾ سندس ڪهاڻي وري بہ ساڳئي ئي محور چوڌاري ٿي گُهمي. سنڌ! ... سنڌ! ... ۽ سنڌ! - ''ڪميا'' ڪهاڻيءَ ۾ سندس دل جي فراخدليءَ جو اظهار آهي. سندس من مهاتما ٻڌ وانگر ڪروڻاميہ آهي. ۽ ڀچاڙيءَ ۾ عملي جامو پائي حقيقت شناس ڪيو اٿس تہ حياتي ہ چار ڏينهن آهي، اُهي بہ وڙهي وڃايون. هڪ الڳہ موضوع - ''شراڌ'' ۾ نُنهنَ موهنيءَ جو سوچڻ ''ڪند ۾ بيٺي موهني آنسون وهائي رهي هئي، 'ڇا هيءَ سچ پچ بابا لاءِ شردا آهي؟ يا اَسان هن کي سماج طرف ڏيکاءُ ڇئون؟' موضوع توڙي خارجي آهي تہ بہ نواڻ آهي ۽ واهہ! واهہ! نڪريو وڃي - ''سڀ کان وڏو شڪر'' بہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار ۽ سِڪ جو



ڏيهي پرڏيهي ٽيا

جڏهن پنهنجي وطن کان وڇڙجي آمريڪا ڏانهن ڪنهن ڪورس پوري ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هوس، تڏهن دل ڇڻ رُنو ٿي ۽ اڄ ساڍن ٽن سالن بعد جڏهن وطن ڏانهن واپس وڃي رهيو هوس تڏهن ان ساڳيءَ دل ڇيهه ڪٽي وڌي. نيو يارڪ هوائي اڏي تان ٽڪل ساڍي اٺين بجي 'ايئر اِنڊيا' جي هوائي جهاز ۾ چڙهيس. اڄ هن جهاز ۾ اڳ کان مٿي هندستاني مسافر ٿي نظر آيا، جيتوڻيڪ ڪڏهن هندستاني پائلٽ ۽ هندستاني ايئر هوسٽيس ڪانسواءِ سڀ مسافر، ٻين ديسن جا پيا ڏسبا آهن.

بوئنگ نمبر ٧٩٧ جي پيٽ ۾ ويهي مان اُڏامي رهيو هوس لنڊن ڏانهن. ٽيهه هزارن فوٽن جي دوريءَ تي، هيٺان ائٽلانٽڪ سمنڊ جون چڙواڳ ڇوليون ڀيانڪ گجگوڙون ڪنديون ٿي رهيون.

منهنجو تجربو آهي تہ ڪنهن انگريز سان جلدي گهرو ٿيڻ مشڪل آهي پر آمريڪن سان اهو اُصول لاڳو ڪري نٿو سگهجي. منهنجو ساٿي مسافر ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول هو ۽ مون بہ ان

فهرست

گود ۾ اُڇلي ڇڏيو.

۽ جڏهن جاڳيس تہ منهنجي پهرين نظر ساٿي مسافر تي پيئي، جو مزي سان ڪائي مخزن پڙهي رهيو هو. پر هي ڇا؟ سنڌي مخزن! ”تہ ڇا، هي صاحب سنڌي آهي؟ سنڌي آهي تہ ڪٿان جو آهي ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟“ منهنجي دل ۾ هڪ ٻئي پٺيان سوال اُٿڻ لڳا.

مان تہ فقط هڪ هندستانيءَ لاءِ سڪي رهيو هوس، پر هتي تہ مانکي هڪ سنڌي مليو هوم. انڌي کي ٻئي اکيون ملي ويئون ڄڻ.

”توهين سنڌي آهيو؟ بيحد خوشي ٿي توهانکي ڏسي.“ هوءُ خود ڇرڪ ڀري ويٺو.

”توهين بہ سنڌي آهيو؟ ڪراچي ٿا وڃو يا بمبئي ٿا وڃو؟ توهان مونکي هن رسالي جي وسيلي سڃاتو نہ؟ ”مهراڻ“ رسالو مون وٽ لنڊن ۾ بانيم ايندو آهي.“

هوءُ يڪساهيءَ ايترو ڪجهہ چئي ويو. منهنجي ڪنن ۾ ڄڻ ڪوئي ڪوئل جو گيت ڳهڙي ويو هو.

”مان بمبئي ٿو وڃان ۽ توهين؟“ مون ڳهٽي انتظار مان پڇيو. هن سڪ ڀڏندي ٻوليءَ ۾ وراڻيو، ”مان پئرس ٿو وڃان. اُتي هڪ سنڌي چترڪار جي چترن جو نمائُ آهي. توهان هنجو نالو تہ ٻڌو هوندو. شري ڀڳوان ڪپور، جو بمبئيءَ جو رهاڪو آهي. اڄڪلهہ لنڊن کان صرف ٻن ڪلاڪن جو سفر آهي ۽ اڄ شام ٿي موٽي لنڊن ويندس.“

مان پنهنجي عجب جون حدون ڳولهي رهيو هوس، تہ هن وري ڇوڻ شروع ڪيو، ”جتي بہ سنڌي ۽ سنڌيءَ جو نالو ڳنڍيل آهي، اُتي منهنجي دل مونکي ڪنيي ڪٽي ويندي آهي. توهين بہ سنڌي، مان بہ سنڌي! ڪهڙو فرق آهي ٻنهي ۾؟ شايد مونکي هيءَ سيٽ بہ ان ڪري ملي آهي، جو توهان سان گڏجڻو هوم.“

منهنجي رڳہ رڳہ ٺري پيئي. مونکان ڳالهائڻ ٿي نٿي نڪتو ۽ هوءُ وجهہ وڃائڻ لاءِ تيار نہ هو. هن ٻي ڳالهہ اڳتي وڌائي، ”مان لنڊن ۾ ڊاڪٽر آهيان. مون کي اُتي هندستاني سمجهندا آهن ۽

انگريزي صاحب سان گهرو ٿيڻ جي بدران منيءَ ننڊ جو سهارو وٺڻ بهتر سمجهيو. جاڳڻ تي ڏٺم تہ واچ ۾ لڳا هئا صبح جا اٺ بجا. سورج ديوتا ڇهن ڪلاڪن جو سفر پورو ڪري چڪو هو، جو اسانجو جهاز لنڊن شهر جي چوڌاري سٺ ميلن جي قطار ۾ ڦري رهيو هو. ڏهن منٽن تائين كيس سگنل ئي ڪونہ ٿي مليو، سو نيٺ سوائين اٺين ڏاري هن جيٽ جهاز اچي لنڊن شهر جي ڌرتيءَ تي پنهنجا پير ڪپايا.

ٻن ڪلاڪن جي مليل ڇٽي ناشتي وغيره ۾ خرچ ڪري، اچا سگريٽ مس دکايو هوم جو جهاز جي رواني ٿيڻ جي خبر ڏني ويئي. پنهنجي جاءِ تي پهچي، جيئن ئي نون مسافرن جي چهرن جو جائزو وٺي رهيو هوس تہ ڏٺم تہ چڙ سڀ هندستاني مسافر لنڊن ۾ ئي لهي ويا هئا. اٿين ئي، منهنجي پرسان منهنجي ئي ڪرسيءَ واري خالي پيل جڳهہ والارڻ لاءِ ڪوئي اچي ويو هو ۽ هو پنهنجي رنگ ڍنگ مان اوس هندستاني لڳي رهيو هو. دل کي ڪجهہ آٿت آيو.

جيٽ مشين جي تپاس ٿي چڪي. فيوئل ڀرجي چڪو هو ۽ گرائونڊ انجنير هٿ جي اشاري سان ”سڀ ٺيڪ“ جو سگنل ڏيئي آگوٺو ڏيکاري ”ڊن“ چيو، تڏهن ان سڌو ئي سڌو چڙهڻ شروع ڪيو ۽ وري موڙ کائي ساڄي رستي موٽي جلد ئي رفتار ۾ اچي ڌرتيءَ کان ڏهہ فوٽ کن مٿي ڪڇي ويو. اٿين محسوس ٿي رهيو هو تہ چڻ پيٽ ۾ ڪوئي خال ٿي رهيو آهي، پر منٽ ٻن جي اندر ئي جهاز آسمان جي اوچائيءَ تي هو ۽ مان ٺيڪ ٺاڪ هوس. اسان بيلٽ پڻ لاهي ڇڏيا. ايئر هوسٽيس کان منهنجي ساٿيءَ چانهہ جي پيالي ورتي ۽ مون ڪافيءَ جي.

مون پنهنجي همسفر ڏانهن مخاطب ٿي چيو، ”اوهين ڪٿان جا آهيو؟“

”ڪراچي.“

مون کان هلڪو چرڪ نڪري ويو. هي هندستاني نہ پر پاڪستاني آهي. انڪري وڌيڪ ڳالهائڻ تي دل ئي ڪانہ ٿي. ڪافيءَ جي پيالي ختم ڪري مون پاڻ کي وري بہ ندرا ديويءَ جي

کٽنب ساڻ کڙي پارت اچڻو پيو. ماءُ جو اِهو ڏسي روئي روئي تہ برو حال ٿي ويو. هوءَ کڏهن بہ سنڌ کي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونہ هئي.

پلا اسانجا سڀ مٽ مائٽ، رشتيدار تہ سنڌ ۾ هئا. وري ٻي ڪا راهہ بہ تہ ڪونہ هئي. پنهنجي پريوار کي پالڻ پوشڻ لاءِ هر ڪنهن کي پنهنجي پاونائن کي پاسيرو رکڻو پوندو آهي ۽ ائين ئي اسان کي ڪرڻو پيو.

جبلپور ۾ رهندي اجان ٻہ سال مس ٿيا هئا جو اسانجي ماتا بيمار ٿي پيئي. بابا کي هميشه سنڌ واپس هلڻ لاءِ چوندي هئي. چوندي ۽ سهندي ڇهہ مهنا ٻيا بہ گذري ويا. ماءُ جي حالت ڏسي بابا اسانجي ماءُ جي سندس اِن اِڇا کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ دفعو وري پنهنجي وطن سنڌ ڏانهن واپس بدليءَ جي ڪوشش ڪئي. پر قسمت جا رنگہ نرالا آهن. هونئن بہ چوندا آهن ”دنيا رنگہ رنگيلي“ هندو-مسلم فساد شروع ٿي ويا. پر اسان واپس وڃي ڪونہ سگهياسين جو پارت پر ۾ بہ ڇوڏاري فساد ڀڙڪي اُٿيا ۽ اسانجو سنڌ وڃڻ مشڪل ٿي پيو. ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن تي دنگا ۽ حادثا شروع ٿي ويندا هئا. فساد چالو ئي هئا تہ اسانجي پياري ماتا اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي اَگم ديس ڏانهن راهي ٿي ويئي. پنهنجي وطن سنڌ ۽ پنهنجن مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن سان ملڻ جي آس من ۾ رکي سرڳواس ٿي ويئي. هردوار ۾ سندس هاڏين سرن دريا ڪرڻ ڪانپوءِ امرتسر پهچي وياسون ۽ هميشه لاءِ اتي ئي رهي پياسون.

هيڏانهن وري ورهاڱي ڪري سڄي پارت ۽ پاڪستان ۾ هندو-مسلم فسادن ۽ جهڳڙن منهن ڪڍيو. ٻئي ملڪ انهن جهڳڙن جي باهہ ۾ جلي رهيا هئا. جتي اڳ ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي پائرن وانگر پريم سان رهندا هئا، هڪ ٻئي جا پڪا دشمن ٿي پيا. انگريزن جي غلاميءَ کان اسانکي نجات تہ ملي پر بدلي ۾ پاري جان ۽ مال جي قيمت چڪائڻي پيئي. ورهاڱي ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪ پارت ۽ ٻيو پاڪستان.

فسادن ۾ مائرون ٻارن کان جدا ٿي ويون. زالون مردن کان، پائرن کان پينر، سڀ هڪ ٻئي کان وڇڙجي ويا. بابا کي



ورهاڱي جي پيڙا

جڏهن ٻه پنهنجي وطن جي ڳالهه نڪرندي هئي ته بابو ڏاڍو ڀاوناڻن ۾ اچي ويندو هو. سنڌ ۾ سندس گذاريل وقت جي يادن ۾ کوهجي ويندو هو. اَسان ساڻ ڳالهيون ڪندي ڪندي سندس جيءُ ڀرجي ايندو هو ۽ سندس اکيون ڳوڙهن سان آليون ٿي وينديون هيون.

اصل ۾ هندستان-پاڪستان جي ورهاڱي ٿيڻ کان اَڳ ئي اسانجو ڪٽنب ڀارت ۾ اچي وسيو هو. بابا ڪراچيءَ جي لايڊس بئنڪ ۾ اسٽينو هو. بئنڪن ۾ اڄ ٻه ساري ڀارت ۾ بدليون ٿينديون آهن. بابا جون هميشه بدليون ٿينديون رهنديون هيون.

ڳالهه سنه ١٩٤٢ع جي آهي. اڃان انگريزن جو راڄ هو. گانڌيجيءَ جو ’ڀارت ڇوڙو‘ آندولن زور هو. بابا جي بدلي جبلپور ٿي وئي. لاچار ۽ مجبور ٿي نوڪريءَ لاءِ بابا کي سنڌ جا وڻ ڇڏڻا پيا. سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ سندس ٻالڪپڻ گذري. ڪشور اَوستا ۾ پنهنجي پڙهائي پوري ڪئي. جواني اچڻ تي شادي ڪئي ۽ پنهنجو ائين گرهستي آشرم شروع ڪيو. سٺن ٻارن سان ڀريل پورو

انداز ۾ گهر اندر گهڙي.

بابا ڏسندي ئي سمجهي ويو تہ هوءَ سنڌي عورت آهي. ان ڏينهن بابا ان عورت سان جيءُ ڀري سنڌيءَ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ”ڪٿان جا هئا سنڌ ۾، سندس مٽ مائٽ ڪٿي آهن. وغيره. ان مهلا بہ سچو حال احوال ٻڌايو.

”منهنجا پيڪا قنبر جا آهن ۽ ساهرا لاڙڪاڻي جا. ٻئي پريوار چڱي مڇي مانيءَ وارا هئا. ڪيترا نہ سنا ۽ سندر ڏينهن هئا ورهاڱي کان اڳ۾. ورهاڱو ڇا آيو؟ ڄڻ هڪ طوفان آيو، لکين ڪٽنب، گهر در بدر ٿي ويا، برباد ٿي ويا. لک پٽي ڪکپتي ٿي ويا. پنهنجي زمين، گهر گهاٽ، وطن بہ ڇڏڻو پيو. اهڙيءَ هڪ رات جٿن جا جٿا ٺاهي اسان پار طرف لڏي رهيا هئاسون تہ مسلمانن اسان مٿان حملو ڪيو. ان ئي حملي ۾ اسان سڀ ڪجهہ وڃايو. سڀ هڪ ٻئي کان وڇڙجي وياسون. جيئن تيئن اسان اچي پار پهتاسون. اسانکي ڪئمپن ۾ تنبن ۾ رهايو ويو. پر هاءِ ري قسمت!؟ هڪڙو بہ رشتيدار ڪونہ مليو. ڪين خوب ڳولهيو. پار پر جون ڪئمپون ڳولهيون. ڪوبہ پتو ڪونہ لڳو.

اڄ منهنجي حالت توهان ڏسي رهيا آهيو. دنيا ۾ آءُ اڪيلي بي سهاري رهجي ويئي آهيان. کهڙي بہ نموني زندگيءَ جا هي باقي ڏينهن ڪاٽي رهي آهيان. انت ڇا ٿيندو، خبر ڪونهي. پنهنجي دک ڀري ڪهاڻي ٻڌائيندي ٻڌائيندي اچي روئڻ ۾ پيئي. سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙندا رهيا. سندس گذريل وقت جي درد ڀري ڪهاڻي اسانکي بہ روئاري ڇڏيو. بابا کان جيترو پڄيو ڪيس دل کولي ڏنو ۽ هٿ جوڙي ڪيس پرارٿنا ڪئي تہ هوءَ هميشهہ اَسان وٽ ايندي رهي. اسانجو سڄو ڪٽنب سندس سهايتا ڪندو رهندو. روئندي هن چيو، ”اڄ منهنجو من ڏاڍو پرسن آهي. ڇو تہ ورهين کانپوءِ مونکي پنهنجي سنڌ جي پائرن سان ملي ڪري جا خوشي ملي آهي، ان لاءِ لفظ ئي ڪونهن.“ چوندي هٿ جوڙي هلي ويئي.

بابا ويني ئي ٻڙ ٻڙ ڪئي. ”ڌرم ۽ سمپرادايہ انسان کي حيوان تو ڪري ڇڏي.“

*****

ڪافي صدمو رسيو. سچو وقت سندس منهن هڪ ئي رٽ آلاپيندو هو، ”آسان وري ڪڏهن سنڌ واپس ڪونہ وڃي سگهنداسون.“ ڪڏهن ڪڏهن تہ پنهنجو پاڻ سان زور زور سان وڦلندو هو. سچو ڏينهن سنڌ ۾ گذريل ماضيءَ جون ڳالهيون پيو ياد ڪندو هو.

پلا وقت کي ڪوئي روڪي سگهيو آ؟ ”وقت چوي آءُ بادشاھ“. ڪنهن جي رڪجڻ جو ڪونهي. پنهنجي ساڳي رفتار هلندو رهندو آ. بابا کي رٽاير ٿي ۲۰ سال کن ٿيا هئا. امرتسر يعني پنجاب ۾ رهندي اسانجي آڙي پاڙي ۾ صرف پنجابي ماحول ئي هوندو هو. سڄي ڪالونيءَ ۾ صرف اسان جو هڪ ئي اڪيلو سنڌي گهر هو. بابا لاءِ هيءَ هڪ پيڙا هئي. هو گهر کان ٻاهر ڪنهن جي واتان سنڌي ٻولي ٻڌڻ لاءِ آتو رهندو هو. سندس سپنو هو تہ مرڻ کان اڳ ۾ هڪ وار هوُ سنڌ مان ٿي اچي! ماٿهو تيرٿ رٿن لاءِ هردوار، ڪاشي، گيا وغيره ويندا آهن. هن لاءِ سنڌ ئي تيرٿ آستان هو ۽ ان تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ هميشه سڪندو هو.

اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ڪندي ويچاريندي ڏينهن گذري رهيا هئا. اچانڪ هڪ ڏينهن اسان جي گهر جي ٻاهرين دروازي تي هڪ غريب لڳندڙ ٻڪارڻ سئن هنئين. دروازو کولڻ سان سامهون هڪ ڪروڙ ٻ عورت بيٺي هئي. سندس پهراو هتان جي بيڪارن کان الڳہ ئي هو. سفيد ڍِگهو ڪڙتو، وڏن پاچن واري سٿڻ ۽ مٿان سوٽي پوتي. مون هن کان پنجابيءَ ۾ ئي پڇيو تہ ڪيس ڇا کپي؟ هن ماڳهين پنجابيءَ ۾ نہ پر سنڌيءَ ۾ جواب ڏنو. مون کان تہ ڇرڪ نڪري ويو. هن چيو، ”ڏيءَ، مان هڪ دکياري آهيان.“ اِهي لفظ ٻڌي منهنجي منهن مان هڪ لفظ بہ نہ نڪتو. وات ڦاٽل ئي رهجي ويو. مون پاڻ سنڀالي ڪيس سنڌيءَ ۾ چيو، ”ڑري تہ چئو“ هن وڏي پنهنجائپ سان واپس جملو دهرايو. مان ڀڄندي اندر بابا وٽ ويس ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ اڌو ڳابرو ڪيس ٻڌايو تہ ٻاهر دروازي وٽ هڪ عورت بيٺي آهي، جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهي آهي. ٻڌندي ئي بابا انتظار پريل ۽ اچرج پريل اکين سان چيو تہ ڪيس اندر وٺي اچوس. مان ڀڄندي ڀڄندي وري دروازي ڏانهن ويس ۽ ان عورت کي عرض ڪندي چيو، ”اسانجو بابو توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻ ٿو چاهي. مهرباني ڪري اندر هلندءُ.“ تڏهن هن وري اها سوٽي پوتي مٿي ۽ منهن تي چڱي طرح ٺاهي ويڙهي ۽ اچرج سان پريل

خوب خاطرداري ڪئي.


هئي ڪمري ۾ مون ٻارن کي وچي سمجهايو، ”آخر ٻ هو توهانجا ماما-مامي آهن.“

”پر ممي! هيترن سالن کانپوءِ کين تنهنجي ياد آئي. اسان ننڍن مان وڏا ٿي ڪاليج جي پڙهائي ٻ پوري ڪئي، مطلب تہ پورن ويهن سالن کانپوءِ کين تنهنجي ياد آئي آهي؟ ياد آهي تہ تو کين ڪيترا دفعا خط لکيا. رکڙيون موڪليون. انهن جي طرفان ڪوبہ جواب ڪونہ آيو. ڪيترا پيرا تہ توکي اسان روئندو ڏنو آهي.“

”هي وقت نہ آهي وينا بحث ڪريو.“ مون ٻارن کي سمجهائيندي چيو. پوءِ ڳالهيون ڪنداسين، هلو هلي پنهنجي مامي وٽ ويهو، گهر آيل مهمانن سان اهڙو ورتاءُ ڪونہ ڪبو آهي. هن وقت منهنجو چيو مڃيو.“

ٿڪجي رات جو جڏهن سمهڻ لاءِ پنهنجي بستري تي ليٽي تہ اکين ۾ ننڊ ڪونہ هئي. اکين ۾ لڳو، ڪا سئنيما جي پڙدي تي هلندڙ پڪچر شروع ٿي. ماضيءَ جا واقعا هڪ هڪ ٿي نظارن وانگر ڦرندا رهيا ۽ سامهون ايندا رهيا، اڃا عمر ئي گهٽي هئي ٣ سال، ماءُ سرڳواس ٿي ويئي. پوئتان ڇڏي ويئي هڪ پريل پورو ڪٽنب، هڪ وڏي ڀيڻ، ٻہ وڏا ڀائر، وڏي ڀيڻ جي شادي ماءُ جي جيئري ٿي ويئي هئي. پيءُ ئي سڄو گهر سنڀاليندو هو. ٻنهي ڀائرن کي پڙهايو ۽ لائقيءَ لڳايو ۽ جلد ئي انهن کي نوڪري بہ ملي ويئي. پر ڀاڳ جو اهڙو چڪر گهميو تہ اوچتو ئي پيءُ کي اڌرنگ جي بيماري لڳي ويئي. لڳو ڄڻ دکن جو پهاڙ اچي مٿان ڪريو. ان وقت منهنجي عمر لڳ ڀڳ چوڏهان سال هئي. تعليم اڌ ۾ ڇڏي گهر جي سڀني ذميدارين کي سنڀالڻو پيو. سڄي ڏينهن جو ڪم ڪار، پيءُ جي سار سنڀال، رسوئيءَ کان وٺي ٻاسڻ ٻهاريءَ تائين پاڻ کي ئي ڪرڻو پيو. هڪ تہ گهر جي آمدني محدود هئي. پيءُ جي ٿوري گهٽي ميڙيل پونجي هئي، اها سڀ بيماريءَ تي خرچ ٿي ويئي. پيءُ ٺيڪ نہ ٿي سگهيو.

يادگيرين جي پٽيءَ کان ڪي نظارا اُبريا ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ڦرڻ لڳا. هڪ ڏينهن اڳتي پڙهائي ڪرڻ جو ويچار آيم. من ۾ ويچار



ڪميا

■ ڀڳونتي ڪڪريجا

پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ کي اوچتو گهر ۾ آيل ڏسي مڌو ايترو ته اچرج ۾ پيئي جو ڪجهه ٻڙڪ به نه ٻولي سگهي. گونگي ٿي بيٺي. ڏسندي ئي رهجي ويئي، پر ٻئي پل ئي پنهنجو پاڻ سنڀاليندي اڳتي وڌي ڀاڄائيءَ کي ڀاڪر پائيندي روئي ڏنو. ڀاءُ طرف پيار ڀريل نظرن سان ڏسندي چيو، ”چڱو، آخر ته اسانجي سُڌ ته لڌي.“

ڀاءُ کلندي، مسڪرائيندي جواب ڏنو، ”آخر به ته اسان پنهنجا ئي ته آهيون.“

منهنجي روئڻ جو آواز ٻڌي ٻار بيٺڪ ۾ اچي ويا. حيراني ڀريل نظرن سان اهو نظارو ڏسندا رهيا، ”ممي! هي ڪير آهن؟“ هنن پڇيو.

مون وڏي اُتساهه ۾ اچي کين جواب ڏنو، ”هي توهانجا وڏا ماما ۽ مامي آهن جي دهليءَ ۾ رهندا آهن.“ ٻارن ٻي دليو مامي-ماميءَ کي پرنام ڪيو ۽ سَتت ئي اندر هليا ويا. مون ڀاءُ کان معافي ورتي ۽ کين وڏي پيار سان اندر کين وهاريو. انهن جي

ڏرڻ لڳا. آهستي آهستي ڀائرن ۽ ڀاڄاين جي ورتاءَ ۾ اها پنهنجائپ نہ رهي. گهر مونکي پرائو پرائو ڀاسڻ لڳو. هر وقت پاڻ ۾ گم سم پيءُ کي ياد ڪرڻ لڳس. وري اوچتو ڀاڳ پنهنجو پاسو بدلايو. اسانجي ڏورانهين مائٽياڻي اسان جي گهر آئي، ساڻ منهنجي شاديءَ جي آڇ کڻي آئي. ڀائرن ٿوري جاچ جوچ ڪانپوءِ منهنجي شاديءَ لاءِ ها ڪري ڇڏي. مهني جي اندر سڀ ڪجهہ ٿي ويو. سڀ ئي اسان سڀ ممبئي پهچي وياسين. ڀائرن کي سڀ ڪجهہ پسند آيو ۽ هن جي گهر وارن کي بہ هر ڳالهہ پسند آئي. ڏسندي ڏسندي مان شاديءَ جي بنڌڻ ۾ ٻڌجي ويس. پيءُ جو سپنو سچو ثابت ٿيو. شاديءَ ۾ آگري کان ننڍو ڀاءُ بہ اچي ويو هو. ائين سڀ ڪجهہ ٿي ويو.

وداعيءَ جي وقت مان مونجهہ ۾ پئجي ويس. عجيب حالت هئي، نہ روئڻ اچي رهيو هو، نہ وري خوشيءَ جو احساس هو، بس هڪ ڪسڪ، ڪوڙائڻ. هڪ چيڻ من ۾ اُٿي رهي هئي. اهي ئي ڪسڪون، اهي چيٽيون گذريل ٢٠ سالن کان مون سان گڏ آهن. ڇو تہ منهنجا ڀائر ڀاڄايون وداعيءَ ڪانپوءِ ائين ويا جو وري واپس نہ آيا. نہ وري ڪا منهنجي خبر ورتي، نہ وري ڪا چٺي پتري لکي، نہ وري ڪو پاڻ آيا ۽ نہ وري مون کي پاڻ وٽ سڏايو. مونکي ائين لڳو هو، ”ڄڻ مان انهن جي مٿان بوجو هيس، جنهن مان جند ڇڏائي واپس هليا ويا.“ زندگيءَ جي پيڙي دکن ۽ سکن جو بار ڍوئيندي هلي. هڪ ڪڙواهٽ ساڻ هلندي رهي. ان ڪڙواهٽ جو احساس اڄ بہ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ وينڊل آهي. پاسو بدلو ٿيندي ئي منهنجي اکين جا ڪور آلا ٿي ويا. ٻن ڳوڙهن سان سوچڻ جو سلسلو ٽُٽي پيو ۽ اوچتو مهاتما ٻڌ جا گيان سان ڀريل امر جملا ياد آيا، ”ڪميا ڀُيل هئڻ ئي انسان جي سڀ کان وڏي وڏائي آهي. هي منش کي انسانيت جي طرف ٿو وٺي وڃي.“ گهر پريوار، سماج کي پيار جي بنڌڻ ۾ ٻڌي ڪري سڀوڳہ جهڙو انيو ٿو ڏي.“ سوچي من کي آٿت مليو. دماغ شانت ٿي ويو. ٻئي ڪڻ ۾ من جي سڄي ڪوڙاڻ ڳوڙهن سان ڌوپجي ويئي.

*****


آيو پڙهي پائرن کي آرٿڪ سهايتا ڪري سگهان ٿي. آخر انهن کي بہ پنهنجي گهر گرهستي وڏائڻي آهي. پيءُ کي منهنجو هيءُ ويچار ڪافي پسند آيو، پر پائرن کان بہ تہ موڪل وٺڻ ضروري هو. پيءُ جي پُڇڻ تي پائرن چيو، ”ڏس مڌو! ڪم جو بوجهہ اڳير ئي تنهنجي مٿان گهڻو آهي، وري پڙهڻ لاءِ وقت بہ ڪيئي ٿو.“ مون وڏي آتم وشواس سان ڪين وشواس ڏنو هو، پڙهائيءَ سان گڏ گهر بہ اهڙي ئي سٺي نموني سان هلائيندس. ماضيءَ جي گذريل زندگيءَ جا ورق هڪ هڪ ٿي کلڻ لڳا. ڪيئن مون وڏي ڪنائيءَ جي وچير رات ڏينهن هڪ ڪري پنهنجي پڙهائي پوري ڪئي. ”رتن“ ۽ ”پرڀاڪر“ جا امتحان سٺين مارڪن سان پاس ڪيا ۽ محنت جو ڦل سٽت ئي ملي ويو. هڪ اسڪول ۾ ماستري ملي ويئي ۽ منهنجو سپنو پورو ٿيو. پنهي پائرن جي شادي ٿي ويئي. هڪ ڏينهن پيءُ پاڻ وٽ سڏائي ويهاري پيار سان چيو، ”مڌو، هاڻي توکي بہ پنهنجو گهر وسائڻو آهي ۽ وسائڻ کپي. پنهنجي جيئري ئي توکي خوش ڏسڻ ٿو چاهيان.“ تڏهن مون وڏي پنهنجائيءَ سان جواب ڏنو هو، ”ڇو؟ ڇا هيءُ منهنجو گهر ڪونهي ڇا؟ هتي منهنجو حق ڪونهي؟“ پيءُ منجهي پيو ۽ مونکي سمجهائيندي چيو، ”مڌو! تون ڏاڍي پولي آهين. تنهنجا پائر ۽ ڀاڃايون روز روز پيا چوندا آهن، ”هاڻي مڌوءَ لاءِ ڪجهہ سوچڻ کپي. هونئن بہ ڌيءُ ڌڻ کي، هر ڪنهن ڇوڪريءَ کي پرائي گهر وڃڻو آهي. ڌيئر پرائو ڌن آهن. اها ئي دنيا جي ريت آهي.“ مون کي پائرن ڀاڃاين جي ورتاءَ ۾ ڦيرو نظر آيو. اهڙيون حالتون ڏسي من سوچ جي حالت ۾ وياڪل ٿي ويو.

اڄ ننڊ نہ ڄاڻان ڪيڏانهن گم ٿي ويئي هئي. سوچڻ جو سلسلو جاري رهيو. ”اچانڪ پيءُ ڏاڍو بيمار ٿي پيو ۽ پندرهن ڏينهن اندر اسان کي روئندو رڙندو ڇڏي، هن دنيا کي هميشهہ لاءِ الوداع ڪري هلندو ٿيو. انهن کي تہ دکن مان ڇوٽڪارو ملي ويو. پر منهنجي دک جو ڇا ٿيندو؟ مون ڏٺو انهن پندرهن ڏينهن جي بيماريءَ ۾ ڀاڃائي پيءُ جي خوب شيوا ڪئي هئي ۽ مان هر وقت هن سان شڪر ادائيءَ جي ورتاءَ سان هليس. اهڙيءَ طرح ڏينهن مهنا گ

موهہ ۽ سمپورڻ پيار شيام مٿان هو. شروع شروع ۾ شيام ۽ سندس پتني موهني شيوڪرام جي خوب شيوا ڪئي. گهر ۾ جيترا بہ روپيا پئسا هئا، سڀ بيماريءَ تي خرچ ڪري ڇڏيا. ڍيري ڍيري شيوڪرام جا بئنڪ ۾ جمع ٿيل پئسا بہ خلاص ٿي ويا. گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ بہ ٺيڪ نہ ٿي سگهيو. پوءِ تہ شيام پنهنجي گرهستيءَ ۾ ايترو تہ رمي ويو جو پنهنجي پيءُ جي تندرستيءَ جي پرواهہ ئي نہ ٿي ڪئي. پٽ شيام ۽ ننهن موهنيءَ شيوڪرام ڪان سڙيا ۽ چڙيا وينا هئا. گهڻو ڪري ڪيس ننهن ۽ پٽ جا ڏوراپا ٻڌڻا پوندا هئا. ڇو تہ سرڪاري پينشن بہ تہ ڪونہ هئي. ڪيس پٽ جو هيءُ بدليل روپ ڏسي ڪافي پيڙا ٿيندي هئي. هو پنهنجو دک ڪنهن کي ٻڌائي؟ من ۾ ان پيڙا کي دٻائي رکندو رهيو. ڪيس اُن وقت پنهنجي گهر واريءَ جي ياد ستائيندي هئي. ٻاهران تہ چپ رهندو هو، پر اندر ۾ پرارٿنا ڪندو هو تہ ڀڳوان ههڙي جيئڻ ڪان ڪيس مُڪتي ڏيس. پر ههڙي اَنڌڪار ڀري جيون ۾ هڪڙو ننڍڙو ڏيئو ڪيس روشني ڏيندو رهندو هو. سندس جيئڻ جو سهارو هو ”ڪرڻ“ سندس پوٽو جو پنهنجي ڏاڏي کي ڏاڍو پيائيندو هو. سندس منيون منيون ڳالهيون، سندس معصوميت شيوڪرام کي جيئڻ لاءِ آمادهہ ڪنديون هيون. پنهنجي پوٽي سان ڳالهيون ڪندي پنهنجا سڀ دکہ ڀلجي ويندو هو.

اڄ شيام جي گهر ڪافي ڊڪ-ڊوڙ متل هئي. ڇهل پهل هئي. گهر جي اڱڻ ۾ سندر شاميانو لڳل هو. چوڌاري رنگبرنگي پڙدن سان سينگار ٿيل هو. اڱڻ جي هڪ ڪنڊ ۾ پاڙي تي ڪيل هڪ حلوائي طرح طرح جا پڪوان تيار ڪري رهيو هو. پوڙيون پڪوڙا، مٺايون، سمبوسا تيار ڪري رهيو هو. ڪارڻ هو پوٽي ڪرڻ جو منڊڻ يعني ڪرڻ جي جهنڊ لهڻي هئي. ايترو ڪجھ ۽ سجاوٽ موهنيءَ جي اڇا سان ٿيو هو. ڪنهن عرصي ڪان موهنيءَ جي چاهنا هئي تہ ڪو منگل ڪاريہ ٿئي، تہ هوءَ دل کولي خرچ ڪندي، ساهري وارن سان گڏ پيڪن جو سواگت بہ ڪندي.

موهني اَڳتي وڌي مهمانن جو آدر ڀاءُ ۽ ڀلڪاري ڪري رهي هئي. گهر ۾ چوڌاري انهن طعامن جي هٻڪار اچي رهي هئي. شيوڪرام اڄ ڏاڍو پرسن نظر اچي رهيو هو. ڇو تہ ورهين ڪانپوءِ



شراڌ

شيام سرڪاري نوڪر آهي. گهر ۾ پتني، ٻه پڙهندڙ ٻار، ٻه پيدا جيئو ماءُ ۽ پيءُ جي روُپ ۾ آهن. پيءُ جو ورهين کان اڌ رنگه جي مرض ۾ مبتلا آهي. چپ چاپ پنهنجي درياڳه تي آنسوُن وهائيندو رهندو آهي. ڪو وقت هو جو هو ٻه ڪنهن سٺي نوڪريءَ تي هو. گهر ۾ ڪنهن شيءِ جي کوٽ ڪونه هئي. پنهنجي سڪيلڌي پٽ جي هر اِڇا پوُري ڪئي. سڀ سُک ڏنا. شيوڪرام ڪي پنهنجي پٽ ۾ گهڻو موهه هو، جيڪو ٻه ڪجهه گهرندو هوس، حاضر ڪري ڏيندو هوس. اُتم ۽ سُٺي سکيا ڏني، جنهن ڪري ستت ئي پنهنجي پيرن تي بيهڻجي ويو. سٺي نوڪريءَ سان گهر گرهستيءَ ۾ وسي ويو.

پر ٽيڻ ڪي ڪير روڪي سگهندو ڀلا؟! اڃان رٽائرمينٽ ۾ ٣ سال پيا هئا ته سال جي اندر ئي شيوڪرام جي دنيا ئي بدلجي ويئي. گهر واري رمندي رهي. مٿئون هن اڌرنگه جي بيماريءَ اچي ڪيس ورايو. ڪيس گهِرو ڌڪو لڳو. شيام اڪيلو سنتان هو. ماءُ ۽ پيءُ جو

پوريون ۽ سيرو ٺاهي رهيو آهي. مٺن مٺن پڪوانن جي سڳنڌ ڇوڏاري پکڙجي رهي آهي. ڪجھ برادريءَ جا ڀاتي بہ آيا آهن، هڪ طرف آسن تي برهمڻ سوامي براجمان آهي، ڇو تہ اڄ شيوڪرام يعني بابا جو پهريون شراڌ آهي. سندس لاڏلي پٽ شيام وڏي دل سان هيءُ بندوبست ڪيو آهي، هو هر هر ڀانيڻ کي ڪائڻ لاءِ چئي رهيو آهي ڇو تہ شاسترن ۾ آيل آهي، ”شراڌ ڪرڻ سان مرڻ واري جي آتما ترپت ٿيندي آهي. ساڻ ساڻ وڏن لاءِ شرڌا آهي، سمان آهي.“ ڪنڌ ۾ بيٺي موهني آنسون وهائي رهي هئي. ٿوري دير لاءِ ماضيءَ جا نظارا سندس اکين اڳيان گهمڻ لڳا. سندس انتر آتما مان آواز آيو، ”ڇا هيءُ سچ پچ بابا لاءِ شرڌا آهي؟ يا اسان هن کي سماج طرف ڏيکاءُ ڇئون.“ مهمانن ٻنهي شيام ۽ موهنيءَ جي ڪافي ساراهہ ڪئي. برادريءَ جي وڏن شيام کي ڍير ساراهيو، دعائون ڪيون ۽ چيو، ”ايترو خرچ تہ پنهنجن وڏن جي شراڌ لاءِ ڪنهن ڪيو هجي، اسان نہ سڻيرون.“ ڀانيڻ بہ واهہ! واهہ! ڪندي اُٿيو. آشيرواد ڏيندي چيو، ”پٽ، تنهنجي پيءُ جي آتما کي پورڻ ترپتي ۽ شانتي ملندي.“

*****

ڪيس سوادي ڪاڏو ملندو ۽ ڪائي آنند ماڻيندو. مڏيم ۾ هلڪي حلوي جي خوشبوءِ هن کي موهي رهي هئي. چوندا آهن ته بيڊاپو نندپڻ جو روپ اختيار ڪندو آهي. ساڳي حالت شيوڪرام سان اڄ هئي. ڪمري ۾ ليٽي ليٽي انتظار ڪري رهيو هو. ”اڄ ڪرڻ به ته ڪونه آيو آ. ڪائنس ئي سڀ ڪجھ پڇي سگهان ها! شايد پنهنجن يارن دوستن ۾ پورو آ. ڪيس پنهنجي ڏاڏي طرف ڌيان ئي ڪونه رهيو آ. هر هر سوچي سوچي سندس من ڪاڏي لاءِ تڙقي تي اُٿيو. ايتري ۾ شيام شيوڪرام جي ڪمري ۾ ڪنهن ڪم سانگي گهڙي آيو. پٽ کي ڏسي سهميل لهجي ۾ پڇيو، ”پٽ شيام، ڇا مهمانن ڪائي پورو ڪيو!؟ جي ڪاڏو اڻائون ته موهنيءَ کي چئه، ته مون ڏانهن به ڪجھ ڌيان ڏي. صبوح لاڪر ڪجھ نه ڪاڏو آهي.“ شيام تڏهن بي دليو ’ها‘ چيو ۽ جلد ئي ٻاهر هليو ويو. شيوڪرام جي ڪائڻ جي اِڇا وڌندي رهي، پر لاچار هو. سڄو ڏينهن انتظار ڪندي ڪٽ تي پيو رهيو ۽ ايتري ۾ ائين اڇي سانجهي ٿي. ’ڪرڻ‘ به ٿڪجي جلد سمهيو رهيو. ان ڪري ڏاڏي وٽ ڪونه اچي سگهيو.

اڇانڪ موهني ڪمري جي بتي ٻارڻ آئي. سهري کي ڏسي ڪيس دل کي ڌڪ لڳو، ”اوهه! بابا لاءِ ته ڪجھ نه بچيو!“ ٻي گهڙيءَ پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو پڻ پڻ ڪرڻ لڳي، ”ڇا ٿيو، بابا لاءِ صبوح واري روٽي جو پئي آهي. سنو ٿيو مهمانن لاءِ ڪاڏو پورو ٿي ويو. جيڪڏهن انهن جي لاءِ ڪجھ به گهٽ ٿي وڃي ها ته اسان لاءِ ڪيترو نه عزت جو سوال هو. عزت گهٽجي وڃي ها!“ اهو سوچ ڪري موهنيءَ کي شانتي ملي ۽ وري رنڌڻي مان روٽي ڪٽي آئي، چيائين، ”بابا، وڏيڪ رڌل هئڻ ڪري ڌيان ئي نه رهيو. ٿالهي اڳيان رکي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويئي. شيوڪرام هڪ ٽڪ ٿالهيءَ طرف نهاريو، آهه ڀري جيئن تيئن ٻه ٽي گرهه نڙيءَ مان لنگهايا ۽ هڪ طرف منهن ڪري ليٽيو رهيو. اندر ئي اندر دکه ۽ اپمان جا ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو. ڪيس اهڙي پنهنجي حالت تي روئڻ پئي آيو. هن گهٽنا جو اَثر سندس دل ۽ دماغ تي ايترو پيو جو ڪٽ تان وري هيٺ نه لٿو. هن ڇل ڪپٽ جي دنيا کي سدا لاءِ ڇڏي هلندو ٿيو.


اڄ وري ساڳو اگهڻ آهي. هڪ طرف حلوائي ويهي کيرڻي،

ساريون ڳالهيون تہ فون تي ٻڌائڻ ناممڪن هو، سو ڏيءُ چيو تہ ڪيس هڪ خط لکندي.

ڏيءُ جو پهريون خط مليو. ”ممي اسان هت ڪافي خوش آهيون. هتي مسواڙ تي مڪان ورتو آهي. جنهن کي سڀ سُکہ ۽ سُوڌائن سان سجايو آهي. هت ڪنهن ڳالهہ جي ڪمي ڪونهي. رسوئي گهر کان وٺي فون تائين سڀ تہ هڪ ڏينهن ۾ بندوبست تي ويو. پاڻي ۽ بجليءَ جي تہ پرمار آهي. ڪجھ ڏينهن ۾ پنهنجي هڪ وڏي ڪار بہ اچي ويندي. کائڻ پيئڻ جي چيزن جو تہ هت انبار لڳو پيو آهي. آئيسڪريم، ڪيڪ، ڏهي، چيز، پنير، چاڪليٽ ۽ فروٽ جوُسز هت ايترو تہ سستي اَگهن ۾ ٿا ملن جو ڪوبہ گهٽ ڪمائيندڙ پنهنجي پريوار جو پالڻ پوشڻ سٺي نموني ڪري سگهي ٿو. مان جيڪا بہ اِڇا ڪندي آهيان، اُها جلد ئي پوري ٿيندي آهي. چيو تہ منهنجي سياءَ انوسار جيڪا شيءِ ٿوري انتظار ڪرڻ ڪانپوءِ ملي تہ مونکي وڌيڪ آنند آهي. تون چونديءَ تہ مان عجيب پاڳل ڇوڪري آهيان. ماڻهو تہ اهڙو شان پائڻ لاءِ پاڳل ٿي ويندا آهن.“

وري ڪڏهن لکندي آهي تہ هوءَ بور ٿي ويندي آهي. هڪ پاسي هت چوڌاري مائٽن ۾ اڪيلائين گهمي ويو آهي تہ ڏيءَ جا ياڳہ کلي ويا آهن، ”پر ڪين کهڙي خبر تہ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ سکہ کهڙو آهي؟“ ڪارڻ ٻڌائيندي آهي، ”ممي جي اهڙو سڀ ڪجھ جو هتي ملي ٿو، پنهنجي پياري ديش ڀارت ۾ ملي وڃي تہ مونکي سڀ کان وڌيڪ سکہ کهڙو ڪپي. هت نہ ڪوئي مت مائٽ ۽ نہ وري پاڙو آهي، جن کي مان هيءُ سڀ ڏيکاري سگهان، ۽ پنهنجي مٺي ٻولي سنڌيءَ ۾ ٻہ لفظ ساراهہ جا ٻڌي سگهان. سچ ممي، سڀ کان وڏو سکہ اهو آهي جو من کي آنند ڏيئي سرير روپي ول کي هرو ڀرو ۽ سائو ڪري، پنهنجي ماترڀومي وطن ۾ ٿورو سکہ بہ وڏو ٿو لڳي. وطن ۾ پنهنجي ٻولي آهي، سنسڪرتي ۽ سڀيتا آهي. پنهنجون ريتيون ۽ رواج ۽ رسمون آهن، جي سيني کي هڪبئي سان نزديڪ آڻن ٿيون. ۽ ٻنڌن ۾ جڪڙي ٿيون ڇڏين. چوڌاري صرف پنهنجائپ پئي نظر ايندي آهي، جا من کي سُڪوُن، شانتي ۽ آنند بخشيندي آهي.“

*****



سپ کان وڏو سُک

ڪڏهن سپني ۾ به ڪونه سوچيو هو ته شاديءَ ڪانپوءِ ڏيءَ جو ڀاڳ کيس پرديس وٺي ويندو!، سو به ست سمنڊ پار آميريڪا ۾، جنهنجو سڄي سنسار ۾ نالو آهي. مها شڪتي شالي، شان مان وارو ديس، جتي سرڳ سمان سُک آهي. محنت ۽ جفاڪشيءَ ڪان ڪم وٺڻو پوندو آهي، موٽ ۾ پگهار به ته ايترو ملندو آهي، سڄي برادري ۽ خاندان ۾ مشهور ٿي ويو ته ڏيءَ جو نصيب کلي ويو. آميريڪا جهڙي ملڪ ۾ نوڪري ملي ويئي. هاڻي ته سمجهو پئسو ئي پئسو. ڏيءَ جي ساهيڙين کي جڻ حسد ٿيڻ لڳو. قسمت وارا اهي آهن جن کي آميريڪا جهڙي ملڪ ۾ نوڪري ملي ويئي. سيني رشتيدارن، مٽن مائٽن ۾ ائين وڃي ويو ته ڏيءَ آميريڪا ويندي ته سيني کي وساري ڇڏيندي ڇو ته هت سک ئي سک آهي.

هر هفتي ڏيءَ وٽان فون ايندو رهندو هو. فون تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي هوءَ ڀاوناٺن ۾ اچي ويندي هئي، ته هوءَ پنهنجن کان پري هڪ پرديس ۾ وڃي رهي آهي. ايتريون ڏير

ليڊي ڊاڪٽر جي لائقيءَ جي ”واهه! واهه!“ آهي. ساڻ ئي سندس مٺڙر وهنوار سيني کي وڻندو هو. ڪِلِنڪ ۾ ويني ويني سوروپ بور ٿي ويئي. هيتري ساري پيڙ ڏسي اچرج ۾ پئجي ويئي. هوءَ سوچڻ لڳي، ”هيءُ ته سڻو ٿيو جو راهول فون تي ئي نمبر لڳائي ڇڏيو هو. هوءَ هڪ طرف ڪرسيءَ تي ويهي ڊاڪٽر جي اچڻ جو انتظار ڪري رهي هئي ۽ گڏ ويٺل راهول سان ڳالهائي رهي هئي. اوچتو مريضن ۾ چرپر شروع ٿي ويئي. مريضن جي نظر دروازي طرف ويئي. سڀئي اُتساهه ۽ خوشيءَ ۾ اچي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳا، ”ڊاڪٽرياڻي صاحبا اچي ويئي.“ سوروپ ۽ راهول جون نگاهون به ان طرف ويون. ڏسندي ئي سوروپ جي وات مان هلڪي چيخ نڪري ويئي، ”اَڙي، هيءَ ته پارتي آ!“ هن اچرج ۾ پئجي گڏ ويٺل راهول کي اکيون ڦاريندي ڦاڙيندي ٻڌايو، ”هيءَ ته ننڍپڻ جي منهنجي هم ڪلاسڻ آ.“

سوروپ ڏٺو هر مريض ۽ ساڻ آيل ساٿي ڊاڪٽرياڻيءَ جو پلڪاري ڪري رهيا هئا ۽ موٽ ۾ پارتي ڪنڌ کي لوڏيندي لوڏيندي پنهنجي ڪئبن ۾ گهڙي ويئي.

ٿوري انتظار ڪانپوءِ سوروپ جو وارو آيو. سڏ ٿيو. ٿڪل قدمن سان ڪئبن ۾ گهڙي. ڏسي خاطريءَ سان حيرانيءَ واري لهجي ۾ پڇي ويئي، ”پارتي! تون!“

ڊاڪٽرياڻي صاحبا به حيرانيءَ سان جواب ڏيندي پڇيو، ”سوروپ هيءَ ڪهڙي حالت ڪئي اَٿيئي!؟“ ڪٿي اُها سوروپ سونهن سان پرپور ۽ ڪٿي هيءَ سوروپ، سونهن ته گُم آهي.“

هڪ ٻگهو ساهه کڻندي سوروپ پنهنجي ڏکي بيماريءَ جو احوال ٻڌايو.

”سچ ته تون ڪافي ڪمزور لڳي رهي آهين. پر چيڪ ڪرڻ ڪانپوءِ تون ڏن مهنن جي علاج سان ٺيڪ ٺاڪ ٿي وينديئن. شرط اهو آهي جو دوائون تون پڪ وٺندينءَ ۽ وقت سر وٺندينءَ، ته واپس وري ساڳيو ئي رنگ روپ ڪٽي ايندينءَ ۽ وري سوروپ ٿي وينديئن.“ ڊاڪٽر پارتي مُسڪرائيندي سوروپ کي آٿت ڏيندي چيو، ”ڊپ جي ڪا ڳالهه ڪونهي.“

ايترو ڪجهه آٿت ملڻ ڪانپوءِ سوروپ راحت جو ساهه کنيو ۽ پنهنجي گهوٽ راهول کي سڀ ڪجهه تفصيل ۾ ٻڌايو.



ڪارو ڏاڱو

سندس نالو هو سوروپ. ڀڳوان کيس خاص سونهن ڏني هئي. سندس مائٽن سندس سونهن جي حساب سان سندس نالو رکيو هو، ’سوروپ‘. گهر ڇاهي ٻاهر سندس سندرتا جي چرچا ٿيندي رهندي هئي. سندس هن سندرتا ڪارڻ هن ۾ آهنڪار اچي ويو هو. اهڙي سندر سوروپ ڪارڻ سندس ڪاليج جي پڙهائي ۽ سندس پڙهڻ جي چاهنا کي نظر انداز ڪري اڌ ۾ روڪي ڇڏي هئي ۽ سندس شادي سٽت ئي ڪري ڇڏي. اڄ هوءَ ٽن ٻارن جي ماءُ بڻجي چڪي آهي. جلدي جلدي ٻار ٿيڻ ڪري سندس تندرستي ڪِري پيئي آهي. راهول سندس گهوٽ، سندس ڪافي گهڻي ديکہ ڀال ڪئي. سٺن سٺن ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو، پر ڪٿين فرق نہ ڪيو. ڏيري ڏيري ڪمزور ٿيندي ويئي. سندس سندر چهرو ڦڪو ۽ ڪومايل گُل مثل ٿي ويو آهي.

شهر ۾ هڪ ڏاڍي لائق ليڊي ڊاڪٽر آئي آهي، جنهنجو نالو شهر جي هر ڪنهن جي وات تي آهي. جڻ زبان تي رهندو آهي، ڇو تہ جڏهن کان سندس دواخانو کليو آهي، اهڙو ڪوبہ مريض ڪونہ آهي، سندس هٿ شفا جو جنهن لاڀ نہ ورتو هجي ۽ نراس ٿي موٽيو هجي. چوڌاري ان

ماءُ ۽ پيءُ جي سامهون گهٽو لڳيو. منٿون ڪيون، پر منهنجي هڪ بہ نہ هلي. منهنجي ڊگري پوري ڪرڻ جي اِڇا اڌ ۾ رهجي ويئي. مائٽن جي ضد سامهون مان ڪجھ نہ هيس ۽ ائين منهنجي شادي راهول سان ٿي ويئي.

ساهري وارا شاهوڪار مليا هئا. سندس وڏا ڪاروبار هئا. نوڪر چاڪر، گاڏيون، بنگلا سڀ ڪجھ تہ هو پر ساهرا پراڻي زماني جي خيالن وارا مليا هئا. گهر ۾ سنسار جا سڀ سُک هئا، پر مونکي من جي مونجهہ محسوس ٿيندي هئي. منهنجي ويچارن جو هت ڪو مُلهہ ڪونہ هو. منهنجو سوچڻ بلڪل علحدو هو ۽ هنن جو سوچڻ اَلڳ. ٻئي هڪ ٻئي جي اُبتڙ. انهن جهونن خيالن واري ڪٽنب ۾ اچي مون گذريل ستن سالن ۾ ٽن ٻارن کي جنم ڏنو هو ۽ ماءُ بڻجي ويئي هيس. پهريون ڌيءُ ۽ وري پُٽ جي آس ۾ وري ٻي ڌيءُ، وري پُٽ جي چاهنا ۾ 'پُٽ ڪپي' (ونش کي اڳتي ڌڪڻ لاءِ پُٽ جو هجڻ ضروري آهي، پل تہ نونهن جي جان خطري ۾ ڇو نہ هجي، اِچ مسئلو اِهو آهي، ''منهنجي تندرستي مون سان ٻڌل ڪونهي ۽ ساٿ نٿي ڏي.'' ايڪويهين صديءَ ۾ اهڙي ويچارڌارا جي باري ۾ مون اهڙو ڪجھ سوچيو بہ ڪونہ هو. گهڻا دفعا پنهنجي گهوٽ راهول سان اڻ بڻت ٿيندي هئي. ان وقت پنهنجي ماءُ جا چيل لفظ ياد ايندا هئا، ''ڇوڪري چاهي ڪيتري بہ سُندر ۽ گڻوان ڇو نہ هجي، زندگيءَ جي هر موڙ تي ڪيس موڙي هلڻو آهي. سمجهوتو ڪري هلڻو آهي.'' مون کي تہ پنهنجي سندرتا تي ڪافي ناز هو، پر اڄ پارتيءَ جو جيون ڏسي پنهنجي سندرتا ڦڪي ڦڪي محسوس ٿيڻ لڳي آهي.

سوروپ کي پنهنجي وات مان ان وقت چيل لفظ سندس من کي کائڻ لڳا، ''پارتي تون کهڙي سُندر آهين، جو ڳلي ۾ ڪارو ڏاڳو پائي آئي آهين!'' ائين چوڻ ۽ سوچڻ بلڪل اُبتڙ نڪتو. اڄ پارتي اهڙي مقام تي پهتي آهي. ڪٽنب سان گڏوگڏ سماج جي شيوا بہ ڪري رهي آهي. مريضن جا دکہ درد دور ڪري کيس ڪيتري خوشي ملندي هوندي، پري پري تائين سندس نالو ۽ عزت آهي. ان ڪري تہ شايد پارتيءَ جي ماءُ ڪارو ڏاڳو ٻڌيءَ ۾ پاتو هو تہ متان ڪٿي سندس ڌيءَ جي سيرت کي نظر نہ لڳي وڃي.

*****

رات جو سُمهڻ وقت پنهنجي بستري تي ليٽي هوءَ پنهنجي ماضيءَ ۾ کوهجي ويئي. سندس اکين جي سامهون ماضيءَ ۾ ٿيل واقعا اچڻ لڳا. ”پارتي ۽ مان هڪ ئي اسڪول ۽ هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهنديون هيونسي. شايد، پنجو درجو هو. پنهي جو سات ڏهين درجي تائين رهيو. سنهي، سنهي ۽ سانوري رنگ واري، وري به روش ئيڪ هيس، پر اپياس ۾ گهٽو اڳتي هئي. هر سال ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندي هئي. اسڪول جون سڀ ماسترياڻيون کيس ڪافي چاهينديون هيون. چست ۽ چتر ته هئي پر سندس وهنوار به سُنو ۽ انوکو هو. پارتيءَ سان منهنجي ساهڙيپ ته هئي، ته به دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ وري به سندس لاءِ حسد ۽ ايرکا هئي.“

سئنيما جي پڙدي وانگر سڀ درشيه ايندا ۽ ويندا رهيا. ”شايد ستون درجو هو، هڪ ڏينهن جيئن پارتي ڪلاس ۾ گهڙي، سندس ٻچيءَ ۾ ڪارو ڏاڳو پيل ڏسي مون پنهنجي ساهڙين جي گروپ سان ملي ٺوڪ جي انداز ۾ چيو هو (چو ته سوروپ جي ساهڙين کي سندس سهڻي هجڻ جو غرور هو)، ”پارتي! تون کهڙي ايتري سُهڻي آهين جو ٻچيءَ ۾ ڪارو ڏاڳو پاتو اَٿيئي متان ڪنهن جي نظر نه لڳيئي.“ چوندي اسان سيني ساهڙين زوردار ٽهڪ ڏنا هئا.

پارتيءَ ڪوبه جواب نه ڏيندي پنهنجي ڳرائي برقرار رکي هئي ۽ سوايمان وچان پنهنجي جڳهه ورتي هئي. هن واقعي کانپوءِ اسان جي ساهڙيپ ۾ ڏيري ڏيري ديوار ايندي ويئي. هن مون سان رستو ٽوڙي ڇڏيو. پنهي جو رستو الڳ الڳ ٿي ويو. يارهين درجي مئٽرڪ تائين گڏ هيونسي، ساڳئي اسڪول ۾ هيونسي. وري نه هن مون سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ورتي هئي. مئٽرڪ جي نتيجي پوڻ سان هوءَ سڄي اسڪول جي مئٽرڪ جي ڪلاس ۾ پهريون نمبر بيٺي هئي ۽ سندس نالو ان بورڊ تي لکجي ويو هو، سو به سٺن اکرن ۾ پينٽ ٿي ويو جو ڪنهن عرصي کان لکبو پئي آيو. ڪافي جهوني زماني کان هلندو پئي آيو.

ڪاليج ۾ هن سائنس ۾ داخلا ورتي ۽ مون ڪامرس ۾. اڃان ڪاليج جي ٻئين سال ۾ هيس ته گهر ۾ منهنجي شاديءَ جي ڳُهر ٿي. پڇا ڳاڇا ڪرڻ کانپوءِ منهنجي مائٽن منظور ڪئي ۽ منهنجي پيءُ ”ها“ ڪئي. ان لاءِ ڪي سبب هئا هڪ ته مان سندر هيس، اهو ڏپ منهنجي مائٽن ۾ گهر ڪري ويٺو هو. ٻارهين درجي امتحان کانپوِ مون پنهنجي

تنهن ڏينهن بہ راشن جي ڳالھہ تي انبوءَ بحث ڪيو. چا ٿا ڏين، الائي چانور ڪن ڪاڏي ٿا؟ مهاراشٽرا تہ آهي چانورن جو پرانت، پر ڏين چا ٿا، ڪڇرو!

ڪاڪو : سنڌ ۾ تہ بابا سڳداسي چانور هئا. اهڙي خوشبوءِ هوندي هئي اُنهن ۾ ابا، جو چئي ڪٿي بس ڪر. سٺيءَ وجهڻ جي ضرورت ئي ڪانہ هئي. پڇ ڪٿي پيءُ ڪان، ڪيئن ٻڌر؟

ٻڌرمل : پر بابا ڪڻڪ وري گهٽ هئي چا! هت تہ هن آميريڪا جي ڪڻڪ آندا ئي ساڙي ڇڏيا آهن. ڳوٺيون پريون پيئون هونديون هيون. پنهنجون ٻنيون ۽ پنهنجي چڪي، جڏهن وٽي تڏهن پيا آٽيندا هئاسين. هت تہ بابا راشن جي تاريخ لاءِ پيا واجهايون.

ڪاڪو : ياد اٿيئي ساريون ڪيئن جهومنديون هيون؟ چڻ بمبئيءَ جو سمنڊ پيو لهرون ماري. صبوح سوير ٽانگو ڪري ٻنين تي هليو وڃبو هو. تون تہ رمضان ميان جي ڪلهن تان لهندو ئي ڪونہ هئين. رمضان بہ توکي پيار جو ڪندو هو.

انبوُ : (ٽهڪ ڏيئي) وري بابي کي وجهہ ملي ويو. جاگرافيءَ ۾ تہ ڪڏهن سنڌ لاءِ ائين لکيل ئي ڪونهي. اوپر ۾ واري ۽ اولهہ ۾ جبل ۽ وچ ۾ وهي ندي. واريا سو ملڪ آهي ۽ بابو هميشہ ياد ڪري وينو سنڌ کي. ياد تہ لهيس ئي ڪانہ ٿي.

ڪاڪو : (ڪاوڙ مان) توکي ڪهڙي خبر؟ پانيڙا پائيندو هئين تہ هت آيو هئين. هاڻي ٽنگہ جيڏو ٿيو آهين ۽ ٻہ اکر پڙهيا اٿيئي تہ مستي چڙهي ويئي اٿيئي.

(انبوُ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو)

ڪاڪو : ڏس تہ ٻڌر! ڪيئن نہ گڏه وانگر ٿو هينگان ڏي. اٿس ڪو شرم حياءُ وڏي ننڍي جو يا ڪير وينو آهي، ڪير ناهي. شادي ڪيائين تڏهن بہ اهو ٻاراڻو سڀاءُ نہ ويس.

(آنبوُ اجا بہ ٽهڪ ڏئي ٿو)

ڪاڪو : چڱو وينو ڪل!



موهن جي دڙي جي مُهر

□ ڀڳونتي ڪڪريجا

ڪاڪو مورومل جتي ڏسو سنڌ جون ڳالهيون ڪڍي وهندو! شل نہ ڪو موقعو مليس، هئي ڪنهن کي ڳالهائڻ جو وجهہ ئي نہ ڏيندو. پر سندس ننڍي ۾ ننڍو پوٽو انبوُ ڪو حد درجي جو نالائق هو. هميشه پيو ڪاڪي جي ڪل اُڏائيندو. شادي ڪيائين پر تڏهن بہ هن ۾ ڳرائي ڪونہ آئي. پٽس ۽ سندس وڏا ڀائر بہ هٽي هٽي بينا تہ پنهنجي زال سامهون ڪاڪي جي مخول نہ اُڏاءِ، پر انبوُ سائين انبوُ هو، ڪٿي تو مڙي! اها تڪ سندس وات ۾ 'هن پڙي ڪان تہ سنڌ وسرندي ئي ڪانہ' ۽ ٽٽانوري زور سان ٺهڪ! هو ننڍي ۾ ننڍو، تنهنڪري منڍ کان وٺي ڪاڪي کيس گهڻو پيار ڪري ڪاري چڙيو هو. پر ڪاڪو بہ ڪاڪو هو. مجال آهي، جو هوُ پوئتي پوي. اهائي سنڌ ۽ اهوئي ڪاڪو! ڪاڪو ۽ سنڌ ٻئي چڻ گڏيا پيا هئا.

'ٽائيم بہ توهان کي ڪافي ملندو. ويجهو ٿياسين. ڳاڏيءَ جي اچ وڃ ڪان بہ ڇٽاسين.'

پوءِ سانده مهنو کن سڄي بمبئي ڏٺائون. ڪڏهن ورلي سي فيس، ڪڏهن جوهو، ڪڏهن ملبار هل وغيره وغيره. هڪ هڪ گهمڻ جي جڳهہ ڏٺائون. جڏهن بہ ڪين موقعو ملندو هو پيا گهمندا هئا.

پر .....

پر آهستي آهستي هيءَ بمبئيءَ جي حياتي انبوءَ ۽ پوپريءَ کي ڦڪي ڦڪي نظر آئي. گهمن بہ تہ ڪيترو گهمن! هينئر ڪين خبر پيئي تہ هو هڪ اهڙي جڳهہ تي آهن، جتي هڪ بہ سنڌي گهر ڪونهي. پنهنجا ماڻهو ڪونهن، سڀ ڌاريا آهن. مدراسي، مرهٽا، بينگالي. انبوءَ ڏسو تہ هميشه پيو سنڌونگر جون ڳالهيون ڪري! هڪ هڪ دڪان، هڪ هڪ رستو، هڪ هڪ گهر، اُتان جو اوڀر، جو گهر سامهون سج ۽ چنڊ اڀرندو هو. ننڍي ٽڪري اُتان جو آسمان بہ هڪ پنهنجي قسم جو آسمان آهي.

'ڪيئن پوپري! ڪاڃي حلوائيءَ جو دڪان اجا ياد اچيئي ٿو؟ اتي هلي چولا، چاپون ۽ سنبوسا ڪائيندا هئاسين. ڪهڙا نہ لذيذ ۽ مزيدار آهن ڪاڃي جا چولا ۽ پڪوڙا!'

'توهان ڪڏهن سون وڙو ڪونہ آٽي ڏنو آهي. هتي چاٽو ملي؟ مسالا ڍوسا، پوري ڀاڄي، پٽاٽي وڙا ۽ اڍلي سامبر!'

'جيرام ڪاپڙيءَ وٽ هڪ هڪ ٽاڪيو ڪولي ڏسبو هو تہ بہ دل ۾ نہ ڪندو هو. ڀلا سالن جو ٿيو سڄاتل ۽ پڙهيو هو مونسان، تڏهن بہ ديوان جي رٽ لڳائي ڏيندو هو. ڇڻ پاڻ ڪونہ پڙهيو هو. ماڻهن ۾ سڪ پيار پنهنجا سنڌي سنڌين کي سمجهڻ سولو. هت تہ ڌارين ۾ ڀوسائجي ويا آهيون. اُتان جو ڏينهن رات پنهنجو هو. صبح شام الڳہ قسم جي هئي.'

'مونکي تہ پاڙي جون ساهيڙيون، اما ڀاڀيون ۽ ٻار ياد

انبوءَ ريلوي ۾ گارڊ آهي. اوور ٽائيم ۽ پگهار ملائي ڇهه سؤ رپيا گهر ۾ آڻيندو آهي. سؤ رپيا پاڻ کڻندو آهي، جو لائين تي ڪيس خرچ ڪرڻو پوندو آهي. اويل سويل گهر موٽندو آهي. ڪڏهن رات جو ٻي بجي گهر اچي ته ڪڏهن رات جو ٽي بجي ڊيوٽيءَ تي چڙهي ۽ ٣ يا ٤ ڪلاڪ اڳ۾ گهران نڪرندو آهي، جو ڪيس وڪٽوريا ٽرمينس تائين وڃڻ ۾ ٽائيم ٿو لڳي. اويل سويل اچڻ ڪري ڪيس اڪيلو اچڻو پوندو آهي. ان ڪري تنگ اچي ويو آهي ۽ ريلوي ڪوارٽر لاءِ درخواست وڌي اٿس.

انبوءَ کي ڪوارٽر پريل ۾ مليو آهي. هوءَ وي.ٽي. جي نزديڪ ٿيندو، ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي. هوءَ خوش آهي جو اڄ هوءَ بمبئيءَ ۾ رهندو. بمبئيءَ جي حياتي پنهنجي قسم جي آهي. هلچل آهي، مزو آهي. وقت ڪيئن ٿو گذري، ڪل نٿي پوي. هوءَ محسوس ٿو ڪري ته ڪيس تمام سهڻو ڪوارٽر مليو آهي. سندس زال به خوش آهي جو آزاد پکيءَ وانگر اُڏامي رهي آهي. بمبئي هڪ عاليشان شهر آهي. هت هرهڪ قسم جا ماڻهو رهن ٿا. ڪوارٽرن ۾ به هرهڪ قسم جا ماڻهون رهن ٿا. پنجابي، مدراسي، ڪيرالا جا ۽ بينگالي. مطلب ته بمبئي هڪ ننڍڙو ڀارت آهي.

’ڪوارٽر تمام شاندار آهي،‘ پوپريءَ چيو.

پر ان کان وڌيڪ بمئبي وي.ٽي. جي نزديڪ پڻ. ريلوي جي مهرباني آهي.‘

’تنهن کانسواءِ روز روز جي ڪل ڪل کان به ڇٽاسين. بابو سنڌ کي ياد ڪندو آهي ۽ توهان جي عادت به ويندي ڪونهي.‘

’هت گهمڻ لاءِ به گهڻيون جڳهيون آهن. ميوزم، راڻي باغ، ملبار هل، گيٽ وي آف انڊيا، گهمي ڏؤ ڪنداسين. ڪيئن!‘



سنڌي ڪهاڻي:

ساجنداس جو سڏڪو

□ شريمتي پڳونتي ڪڪڙيجا

اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ ڏينهون ڏينهن نيون سنڌي ليکائون ۽ ليکڪ بہ سنڌيت جو سنيهو کڻي وڌي رهيا آهن. شريمتي پڳونتي ايل. ڪڪڙيجا (سنڌونگر) انهن مان هڪ آهي. اسان سدائين اهڙن ليکڪن کي پڙهي همٿايو آهي. پڳونتيءَ جي هيءَ شروعاتي ڪهاڻي هوندي بہ هڪ سني ۽ سهڻي ڪهاڻي آهي، جيڪا اسان ۾ هن لاءِ وڏيون اُميدون ٿي جاڳائي.

سمپادڪ (نئين دنيا)

تا پون.‘

’پر بابو بہ نٿو وسري.‘

’ڪاڪو تہ هر هر ياد ٿو پوي. سچو وايومنڊل سنڌي هو. گهر گهر ۾ گيت بہ سنڌي گونجندا هئا. لاڏا ڏسو تہ سنڌيءَ ۾، پر هوُ جيڪي بازيگرياڻيون اينديون هيون، اهي بہ سنڌيءَ ۾ لاڏا ڳائينديون هيون صرف اٽي لپ لاءِ. هوُ پٽ جنهن هر سومر تي وارو ٺاهي ڇڏيو هو، ڏرم جي جڳہ ڪندو هو ۽ ڪٽنب ۾ برڪت چوندو تہ وڏو ڏيرم وڙهندو هوس جو اڳهہ ئي ڪيس ڇهہ ٻار آهن. هت تہ ڪوبہ ڪونہ ٿو اچي.‘

’تون تہ گهٽو ڪجهہ چئي وئينءَ، هاڻي بس ڪر. مون هن مهل تائين بابي سان ظلم پئي ڪيو آهي. ڪيئن پوپري. تون منهنجا سور وڌائي مون سان ظلم نہ ڪر.‘

انبوُ ويچار ۾ پئجي ويو. هن کي ڏاڏي جا لفظ ياد اچڻ لڳا : ’پانيڙا پائيندو هئين تہ هت آئين. هاڻي ٿنگہ جيترو ٿيو آهين ۽ بہ اکر پڙهيو آهين جڻ مير ماريو اٿيئي. پاڻ کي الائي ڇاٿو سمجهين. ڪٿي پري رهي ڏس تہ خبر پوئيئي.‘

ڊيوٽيءَ تي ۽ گهر ۾، هن جي دماغ ۾ صرف ڪلياڻ ڪئمپ جي سا، ري، گہ، م سا تان ملائي رهي هئي. ’مون تہ صرف زندگيءَ جا ٢٥ سال سنڌونگر ۾ گذاريا آهن، تڏهن بہ ان کي وساري نٿو سگهان، پر ..... پر بابي تہ زندگيءَ جا ٥٠ سال سنڌ ۾ ڪاٽيا ۽ مان سندس مخول اُڏائيندو رهيو آهيان. سچ پچ مون بابي تي ظلم پئي ڪيو آهي.‘ من ئي من ۾ ڪڙهڻ لڳو.

۽ هڪ ڏينهن سيني ڏٺو، انبوُ آيو ۽ اچڻ سان ڪاڪي جي پيرن کي چنبڙي پيو ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. پر سمجهہ ۾ ڪنهن کي بہ نہ آيو تہ آخر انبوءَ کي ڇا ٿي ويو آهي ۽ ماجرا ڪهڙي آهي!

(’سنڌو ڌارا‘، آڪٽوبر-١٩٧١)

ڪٽنب جي سيني ڀاتين پاڻ ۾ انگريزي يا هنديءَ ۾ ڳالهايو.

مونکي ۽ شري ڪڪڙيجا کي بہ لاچار انگريزي ۽ هنديءَ ۾ ئي ڳالهائڻو ٿي پيو، پر مصيبت هئي منهنجن ٻارن لاءِ. هنن کي نہ آهي انگريزيءَ جي ڄاڻ ۽ نہ ڄاڻن تيز ۽ تز هنديءَ جا ڊائلاگ. پڙهندا ئي آهن سنڌي اسڪولن ۾. اُتي وهڻ بہ اٿن سنڌين سان. مسٽر جهانگياڻي ۽ مسز جهانگياڻيءَ تہ بنا سنڪوچ جي رمارڪ پاس ڪري ڇڏيو، 'اوهان جا ٻار سمارٽ (ڦڙت) ناهن.' مٿان چيائون، 'ڪلياڻي برابر ئي ڪلياڻي آهن، جو ٽيتين تي چار چار ڪئلينڊر ٽنگيا پيا اٿوَ.'

مون پنهنجن ٻارن ڏانهن نهاريو ۽ ڪئلينڊرن ڏانهن ڏٺو. چار ئي ڪئلينڊر، اعليٰ چترڪار جا چار چتر هئا، جي تازو نڪتل برما شيل وارن جي عاليشان ڪئلينڊر مان ڪڍي فريم ڪريا هئاسين. مونکي هنن جي ابوجهائيءَ تي کل پئي آئي، پر اها دل ۾ دٻائي رنڌڻي ڏانهن هلي ويس. دل ۾ ايترو سوچيم، 'اسين اهڙا ڦڙت ٿيڻ بہ نٿا چاهيون، جو پنهنجن ٻچن سان، يا پنهنجيءَ ذاتيءَ جي پنهنجي دوستن جي وچ ۾، پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ کان نابري واريون ... يا .... اچا بہ وڌيڪ ان کي گهٽتائيءَ جي چيز سمجهون.'

اوچتو ٻاهران جهانگياڻيءَ جي ڌيءَ ريٽا راڻيءَ جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. مون کيس پيار مان ريٽا راڻي ڪري سڏيو هو پر ڏٺم تہ کيس 'راڻي' جي لقب ڪابہ خوشي ڪانہ ڏني هئي. جيڪي سو منهن ۾ گهنڊ وڌو هئائين. خير .... ريٽا جي رڙ تي ڇرڪ ڀري ٻاهر نڪتاسين. هوءَ سڏي رهي هئي، 'پپا! مما!!'

هو ڇا، اسان جي پرسان رهندڙ ڪاڪو ساجنداس، لڪڻ سان پنهنجي اڱڻ ۾ بيٺو هو. سنڌي لباس ۾ هو. ڌوتي ڪڙتي ۽ مڪي واريءَ گول ٽوپيءَ سان، ڪُلهي تي انگوڇو

اُن ڏينھن جيئن پاڻ آفيس مان موٽيا، تيئن ٻڌايائون تہ سڀاڻي تي سندن دوست، ڪٽنب سميت، اسان جي سنڌونگر ۾ گھمڻ ايندا. مسٽر جھانگياڻي، ھنن وانگر ساڳيءَ فئڪٽريءَ ۾ انجنير آھي ۽ جڏھن کان ھندستان ۾ آيا آھن، تڏھن کان وٺي اڄ تائين سنڌونگر نہ ڏٺو اٿن. پيو چوندو ھو، ’ڏسنداسين تنھنجي ڪلياڻيءَ کي ھڪ ڏينھن! تون تہ سنڌونگر جي ساراھ مان ڍاپندو ئي نہ آھين!!‘

ائين تہ مسٽر جھانگياڻيءَ جي دل گھڻيئي دفعا سرڪي ھئي، پر .... اڄ .... نيٺ ..... صبح جو ٩ بجي ڌاري ئي انھن جي ڪار اچي اسان جي دروازي وٽ بيٺي. ڪار جو ھارن ٻڌي مون دروازو کوليو. ڏسان تہ ٻاھر ٻئرڪ جا ڪيترائي ماڻھو پنھنجن دروازن وٽ بيھي ويا آھن. ٻاھران ايندڙ مھمانن جو آدر ڀاءُ ڪرڻ جو ھيءُ انوکو لڪل ڀاو، ھن نگريءَ جي رھواسين ۾ ڪيئن نہ ڪُوٽان ڪُوٽ ڀريل آھي. ان تي فخر جو احساس پڻ سندن نيڻن ۾ ٻيٺي چمڪ ڀري ڇڏي. ھنن ميزبانن ۾ ڪي اھڙا ھئا جي وائڙن وانگر پيا مھمانن ڏانھن نھارين ۽ اِشارا ڪن. ڀلا مسٽر جھانگياڻيءَ جي سڄي فئملي ھئي سلئڪس ۽ ٽرائوزرس ۾! ڇوڪريون سڀيئي وار ڪٽ فئشن ۾! ايتري ۾ مسٽر ڪڪڙيجا بہ ٻاھر نڪري آيو ۽ کين ڪلي ڪيڪاريائين.

مھمانن کي گھر ڳولھڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانہ ٿي ھئي. منھنجي پتيءَ کين ھڪ سڌو سنئون نقشو ڪڍي ڏنو ھو ۽ ان جي آڌار تي بنا تڪليف جي ھو اسان وٽ پھچي ويا ھئا. ھو سڀيئي ماڊرن ٿي لڳا. گوگو عينڪن ۽ گوگو واچن سان سلئڪس ۾ ھيون ڇوڪريون ۽ سندن ٻچيءَ ۾ لٽڪي رھيو ھيون ڪئميرائون. ڇوڪرن کي ھيون دوربينيون. ھن نئين آيل

سنڌي هئا ۽ اُنهن ۾ جو مرد هو سو هنن سان گڏ آفيس ۾ نوڪري ڪندو آهي ۽ بمبئيءَ ۾ رهندا آهن.‘

ڪاڪي چيو، ’سنڌي هئا؟ پر سنڌي ته نه پيا ڳالهائين ڏيءَ! الائي ڪهڙي ٻولي پئي ڳالهايائون.‘

مون چيو، ’ڪاڪا سائين! هو ’گهٽو سڌريل‘ آهن ۽ نئين زماني جا سنڌي آهن. اُنهن کي سنڌي ٻولي پنهنجي هوندي به پرائي ۽ پراڻي ٿي لڳي. هو ٻين جون ٻوليون ڄاڻندا آهن پر پنهنجي ٻولي نه ڄاڻندا آهن ۽ نڪي ان ۾ ڳالهائيندا آهن.‘

ڪاڪي وراڻيو، ’پوءِ به ٿي چوين ته سنڌي آهن! هي ته نقلچي باندر آهن. سمجهه ته اهي اسان کان ڇنا!!‘ ائين چوندي ڪاڪي جي دل کان ڪنهن اڻ ڄاتل صدمي وچان سڏڪو يرجي ويو.

(نئين دنيا - اپريل ١٩٧٠ ۾ ڇپيل)

نوٽ : هن ڪهاڻيءَ تي سرڳواسي شري ايم. يو. ملڪاڻيءَ نئين دنيا (مئي ١٩٧٠) جو پورو صفحو ساراهه پريو لکيو هو.
(سمپادڪ، ’ڪرڻو‘)

هوس. وڏيون وڏيون مڇون اٿس ۽ ڪنن ۾ ڪيوٽيون.
ريٽا جي ڪئميرا جي اک ان طرف هئي، ۽ جهانگياٽيءَ جو ڇت بنتي وري ڪاڪي کي دوربينيءَ سان جاچي رهيو هو. پئي ٺهڪ ڏنائون ۽ ٽپا ڏنائون. ڇڻ ته هو سنڌونگر ۾ نه، پر ڪنهن جانورن جي باغ ۾ يا ڪنهن ميوزم ۾ گهمڻ آيا آهن.
ڪاڪو ساجنداس کين اهڙو ڪو عجيب جانور ٿي لڳو جو هن جا فوٽا پئي ورتائون. ڪاڪو به کين ائين جاچي رهيو هو، ڇڻ ته هو به ڪي راڻي باغ جا رنگيلا جانور ڏسي رهيو هو. پاڙي جا ٻار ۽ زالون هن عجيب ماجرا کي ڏسي رهيا هئا.
ريٽا، ڪاڪي ساجنداس کي اول انگريزيءَ ۾ ۽ پوءِ هنديءَ ۾ ٻيو پوز ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي، پر ڪاڪي کي سمجهه ۾ ڪجهه آيو ئي ڪين، سو ڀڻ ڀڻ ڪندو اندر هليو ويو.
بازار ۾ چڪر هڻندا، خريداري ڪندا شام جو ٧ بجي ڌاري هو هليا ويا ۽ مونکي لڳو ته ڇڻ مان بمبئي گهمي واپس سنڌونگر ۾ پهتي آهيان. هڪ ڏينهن لاءِ به جڏهن مان بمبئيءَ گهمڻ ويندي آهيان، تڏهن اهڙي ئي حالت ٿيندي اٿم، جهڙي اڄ ٿي هيم. سنڌي وايو منڊل ۾ واپس موٽڻ تي ڇڻ مون ۾ وري جان اچي ويئي. اهڙي پنهنجائي، ججت، شانتي ۽ هلڪائي ٻئي ڪٿي به ملڻ واري نه آهي جهڙي پنهنجي گهر ۾، وايو منڊل ۾، سنڌونگر ۾!
مسٽر جهانگياٽيءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ، ڪاڪي ساجنداس منهنجي پتيءَ کان پڇيو، ”هو ڪير هئا؟“ وري ٻيو سوال ڪيائين، ’تنهنجا مروٽا يار هئا ڇا؟‘ سندس ننهن، جا پرسان ئي منهن ڍڪي بيني هئي، تنهن چيو، ’نه بابا، مروٽا نه هئا، پر فلم ائڪٽر هئا، فلم ائڪٽر!‘
مان ۽ منهنجو پتي اچي کل ۾ ڇٽڪياسين. مون چيو، ’ڪاڪا! هو نڪي مرهٽا هئا، نڪي فلم ائڪٽر هئا. هو ته

مڪان پر تہ بہ اچ ڪلھہ جي زماني جي حساب سان ملھہ تہ گھٽو تو ڪري. هڪ تہ شهر جي وچ ۾ آهي. سڀ سهوليتون بہ آهن اِن ڪري سندس مڪان جو ملھہ گھٽو آهي. ١٢ لک رپيا ڪا رقم آهي !''

هن مڪان ۾ هن انڪل ٥٢ سال جيون جا ڪاٽيا آهن. ڪا مسخري تہ ڪانهي. ڪيس ورثي ۾ مليل هي مڪان ڪنهن سٺي نموني ڪتب اچي. هن جو ويچار پئي رهيو آهي. ڪيس ٢ پٽ ۽ ٢ ڌيئر آهن. سڀ جا سڀ شادي ڪيل آهن ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن سان پنهنجن پنهنجن گھرن ۾ سکي آهن. ان هوندي بہ دوارڪادس پنهنجن پٽن ڪان سوايماني سياڻ جي ڪري ڪجھ ڪونہ گھريو ۽ نہ وري ڪو انهن ڪا آچ ڪئي. تڏهن بہ هميشهہ پنهنجي سرڳواسي پتني ڪي چوندو هو.

''سٺو ٿيو تہ ٻارن پنهنجو ٻوٽو ٻاريو ۽ پنهنجا وچي گھر وسايا آهن. اسان کي ڇا جو ڏکہ ؟ سرڪار مائي باپ تہ ويني آهي ڪارائڻ ۽ پالڻ لاءِ، پئي ٿي پينشن ڏئي ۽ اسان پيا ٿا وت سان ڪائون. ها پر اڳتي ڏسجانءَ تہ ڪيئن نہ اسان جا ٻار جڏهن ڪا آپدا آئي يا ڪو دکہ وغيره آيو تہ هو هڪيا ٽڪيا وينا هوندا ۽ شيوا ڪندا اها خاطري آهي.''

ڏڻن وغيره تي سندس پٽ ۽ ڌيئر اچي گڏ ٿيندا هئا تہ وڏو ميلو لڳندو هو. ٻلا ٢ پٽ ۽ چار ڌيئر ٢ نوهر ٢ نياٽا. هڻ تہ سهين ! وري انهن جا ٻار ! انهن سيني کي ڏسي ڪيس خوشي ٿيندي هئي. ''تہ اسان اڪيلا ناهيون.'' هو بہ پنهنجا دکہ سکہ ٻڌائي هانءُ هلڪو ڪري. آشيرواد وٺي پنهنجن گھرن ڏانهن روانا ٿيندا هئا.

دوارڪاداس ڪڏهن نہ ڪنهن سان گلا ۽ دانهن ڪئي هئي توڙي سندس عُمر چڙهي چڪي هئي ٨٢ سالِ ڪا عمر آهي! ٻڍاپو هن سان ساڻ هيو تہ بہ سيني کي ائين چوندو رهندو هو.

''اڃا تہ مان گھمي ڦري سگھان تو ڀڳوان جي وڏي ڪرپا آهي. پينشن پئي ٿي ملي. مٿئون آءُ بہ تہ چپ ڪري ڪونہ ويٺو آهيان ! اڪائونٽ وغيره ناهي ڇڱو اُپراسو ٿيندو آهي. ٻيو ڇا کپي جيئڻ لاءِ ''روٽي ڪپڙو ۽ مڪان'' مڪان وري پنهنجو آهي. پر ڏسجانءَ ڪڏهن نہ ڪا اهڙي گھڙي آئي. تہ



وصيعت نامو

✍ پڳونتي ڪڪريجا

جڏهن ڪان دوارڪاداس انڪل ٤ سال ڪن اڳم ڪٽ ورتي آهي، ڪيس سندس ملڪيت جي چنتا گهٽي رهندي آهي ۽ ان چنتا جي ڪري هن ٽي-چار ڀيرا وصيعت نامو بدلايو آهي. ڪڏهن ڪيئن ته ڪڏهن ڪيئن. ڪٽ تي پيو رهڻ سان دماغ جي تند تار چالو رهي ٿي اهو قدرتي آهي. ان ڪان وڌيڪ وري سندس ماضي به ڪيس هميشه انهن گذريل سالن ۾ پئي چتايو آهي، ته سندس اُهي چار سال ڪيئن گذريا. ڪنهن به پنهنجي ۽ پرائي جي پرک هميشه دک ۾ پوندي آهي. اها سڀ پڪ هڪ حقيقت هن جي سامهون آئي آهي ۽ ان حقيقت کي چاڻندي هن وصيعت نامو پئي بدلايو آهي.

ملڪيت ته سندس جي خاص ڪونهي. اهو ٿي سندس ابن ڏاڏن جو

نهيل پڪا بنڪر اچي والاريا هئا ۽ ليهہ طرف ويندڙ وڏي رستي کان آمرفت تي گولاباري ڪري تڪليف ڏني هئي.

سنہ ١٩٦٢ ۾ بہ چين بہ ”هندي چيني ڀائي ڀائي“ نعري جي پڙدي پوئتان دوکو ڏنو ۽ ڀارت جي اوڀرندي ۽ اولهندي پاسي کان هماليہ جي جبلن جي قطارن کان لڪ لنگهي ڀارت تي حملو ڪيو هو. توڙي ڀارت ان حملي لاءِ تيار ڪونہ هو تہ بہ ڀارتي جوانن پنهنجن سادن هٿيارن سان چيني سولجرن جي چڱي تباهي آندي هئي. هڪ هڪ هندستاني ٤٠-٤٠ چيني ماريا هئا، ان ڳالهہ کي سوچي دوارڪاداس کان مشڪ نڪري ويئي ۽ شرڌا وچان هن پنهنجو ڀارتي وير جوانن اڳيان سيس نوايو. ڀارت ماتا جو ڪنڌ هميشهہ اوچو ڪيو آهي هنن ويرن. هن دفعي بہ اسانجا وير اوچين برفانين چوٽين کي خالي ڪرڻ کي لڳي ويا آهن. هڪ تہ اوچاين جي ڪري آڪسيجن جي ڪمي ۾ متي چڙهڻ جي ڪوشش وري پاڪستان مٿان توبون ۽ مشين گنون تاڻي ويٺا هئا. پر وير ڪونہ وريا. هلندا هليا. وڙهندا رهيا. دشمن جو خاتمو ڪندا رهيا. سچ پچ هڪ اچرج ۾ وجهڻ جهڙي هيءَ جنگہ هئي جنهن کي دنيا وارن داد ڏنو هو، ڇو تہ اهڙين خراب حالتن هيٺ بہ لڙندي پاڪستاني فوجن کي ڪڍي هڪالي ڇڏيو هو ۽ انهن کان اوچين پهاڙي چوٽين، ٽائيگر هل، دراس سيڪٽر وغيره تي ڀارتي جهنڊو ترنگو لهرايو هو.

ٽي.وي. ۽ ريڊيو تي هيءَ خبرون ايندڙيون رهنديون هيون تہ ڪيترا شهيد ٿيا، انهن جي وڏوائن جي باري ۾، جوانن جي ٻارن جي باري ۾ ۽ سرڪار جون اپيلون تہ مدد جو هٿ ڌگهيڙيو. ڇو تہ هنن جوانن ئي ديش جي رکيا ڪئي هئي ۽ ڀارت ماتا جو ڪنڌ اوچو رکيو هو.


تازو ئي دوارڪاداس جي اوچتو حالت خراب ٿي ويئي ۽ ڏسندي ڏسندي ئي هو هن دنيا کان هن سنسار مان راهہ رباني ڪري ويو ۽ هن نردئي دنيا کي سدا لاءِ ڇڏي ويو. ٻارهي تائين جڻ سڀ ڪجهہ بيهجي ويو هجي. ٻارهو گذريو ناهي ۽ اندازا لڳڻ شروع ٿيا. پٽ ۽ ڏيئر من ئي من سوچڻ لڳا، ”خبر ناهي بابا وصيعت نامو لکيو ويو آهي يا نہ ! جي ها تہ ڪيئن ڪري ويو آهي. سون، بئنڪ ۽ پوسٽ آفيس ۾ روڪڙ ۽ وري هيءَ ١٢ لکن جي جڳهہ. ڪنهن

اسانجا چارئي پٽ اڳتي وڌي اسان جي شيوا ڪندا.''

پر حالتون ! ابتڙ ثابت ٿيون. هڪ ڏينهن گهرجي مٿئين ڏاڪڻ تان جو ترڪيو تہ ڪيس ٢ سالن تائين ڪٽ وٺڻي پيئي. سندس هڪ ٽنگ جو فرئڪچر ٿي پيو آپريشن ٿيو. اسٽيل جي راڊ وڌي ويئي. تڏهن بہ هلڻ چلڻ کان لاچار ٿي رهيو. پٽن پنهنجن پنهنجن ڏنگن سان پيءُ جي شيوا ڪئي صرف پنهنجن سوارٿن جي وس اچي.

ان وچ ۾ گهر واري بہ هلندي رهي. هڪ وڏو صدمو سهڻو پيو. هنن ڇهن سالن ۾ پنهنجي پٽن جو اصلي روپ ڏسڻ ۾ آيو پر هڪ پهاڙ سمان اڏول رهيو ٻاهران تہ هن ٻاڪ نہ ڪڍي. زندگي جي آخرين دؤر تائين سوايمان سان ڏينهن ڪاٽڻ ٿي چاهيا ۽ اهڙي نموني پنهنجون گهرجون قايم ڪيون ۽ ان نموني ڏينهن ڪاٽيندو رهيو. ڀڳوان جا ڀڄن ڳائيندو هو. هڪ ننڍڙو ٽرانسسٽر بہ هو جنهن کي سمهندي سمهندي ڪن کي لڳائي پيو دنيا ڀر جون خبرون چارون ٻڌندو هو. گانا ٻڌندو. ڪيس پراڻين فلمن جا گانا وڻندا هئا ۽ ٻڌندي ٻڌندي گذريل جوانيءَ جي گذريل سالن ۾ ڪوئجي ويندو هو ڪيس عجب لڳندو هو تہ گانا اجا ساڳيا آهن پر سندس زندگي بدلجي ويئي آهي ڇا مان ڇا ٿي ويو هو ؟ هڪ ٻڍاپو ۽ اڪيلو مٿئون گهمڻ ڦرڻ کان لاچار ! ڄڻ نہ ڪوئي هائوس اريسٽ ٿيل هجي اها حالت هئي دوارڪاداس جي، گهر ۾ نظر بند قيدي. اهو سوچي سندس منهن مان دک ۽ پيڙا وچان هڪ طنزي مسڪراهٽ نڪري ويندي هئي جنهن کي بہ ڪو ڪونہ ڏسي سگهندو هو.

۽ ائين ٽرانسسٽر ٻڌندي هنکي خبر پيئي تہ پاڪستان وري ڀارت مٿان ڪاهي آيو آهي ۽ ڪشمير جي ڪارگل سيڪٽر ۾ پاڪستان پنهنجون فوجون چوريءَ چوريءَ گسايون آهن جي مٿاهيون والاري ويٺا آهن. ڀارت جا وير جوان بہ پوئتي ڪونہ پئي پيا. جنگ جهڙو ماحول بڻجي ويو هو. توڙي ٢٠ فيبروري ٢٠٠٠ تي ڀارت جو پرڌان منتري شري اٽل بهاري واجپاءِ لاهور بس شيوا چالو ڪرائي پاڪستان سان دوستيءَ جو هٿ وڌايو هو ۽ وري پاڪستان دوستيءَ جي نالي تي پٺيءَ ۾ ڇرو وهايو هو. سياري جي موسم جو فائدو وٺي پاڪستان اندر گهڙي آيو هو ۽ ڀارت جون خالي ڇڏيل چانوڻيون ۽ برفاني چوٽين تي



سنڌونگر مان ڇا کٽي ويئي؟

منهنجي هڪ ساهيڙي ڪملا دهليءَ جي لوڌي ڪالونيءَ ۾ رهندي آهي. ڪجهه ڏينهن گهوٽ سميت سنڌونگر ۾ گهمڻ آئي هئي. موٽي وڃڻ بعد پنهنجي پهچ جو خط لکيو اٿس :

پيڻ،

اسان هت سک سان پهتاسين، رستي ۾ پڳوان جي ديا سان ڪابه تڪليف ڪانه ٿي، گهر ۾ سنڌونگر جون سڀ چيزون وٽيون. وڙيون، پاپڙ، ڪٽائڻ، چاپو حلوو، منايون، ڪپڙا وغيره وغيره.

پر منهنجو انهن شين ۾ گهٽ ڌيان ڏسي گهر وارن مون کان اُنجو سبب پڇيو. هو شايد مون کي پاڳل چون، ڀلا ڪير دهليءَ کي ڇڏي سنڌونگر ۾ رهڻ لاءِ سوچيندو؟ پر مان اُن جذبات جي وهڪري ۾ گهلجندي پيئي وڃان ۽ دل پيئي چوي ته اسان به جيڪر سنڌونگر ۾ رهي پئون، جا هڪ ٻي سنڌ آهي.

ڪنهن جي نالي ڪري ويو آهي. هرڪو پنهنجي ليکي پاڻ کي پيءُ جي ويجهو سمجهڻ لڳي ويو ۽ پيءُ جي من ئي من ۾ ساراه ڪرڻ لڳو.

”وصيعت نامو ڪري ويو،“ ان ڪري اڄ ان وصيعت نامي جي کُلڻ جو انتظار سيني کي آهي. سڀ برادريءَ وارا ڪٺا ٿيا هئا. ڪي رونشي جي خيال کان تہ ڪي وري پڪ ڪرڻ لاءِ تہ ملڪيت ڪنهن ڪنهن کي ڏني ويئي آهي. ٻہ بزرگ ۽ گهرجي وڏي ڏيءُ بہ آئي هئي. ڏيڻجي هٿ ۾ وصيعت نامو هو ڇو تہ دوارڪاداس کي سيني ٻارن کان وڌيڪ ان ڏيءُ ۾ وڌيڪ وشواس هو.

ٻن بزرگن مان هڪ ڪاڪي ماڌوداس وڏي ڏيءُ کان اُهي ڪاڳر وٺي پڙهڻ شروع ڪيا. لڳو ائين ڄڻ وقت بيهجي ويو هجي. چوڌاري موت جهڙي شانتي هئي. ڇو تہ نونهن، پٽن، ڌيئرن، نياڻين ۽ ٻين جو ساهہ رڪجي ويو هو تہ ڇا ٻڌڻو آهي ؟ ڪاڪي ماڌوداس جو اکيون هڪ هنڌ بيهجي ويون ۽ ڏو گڏ هڪ زوردار رڙ بہ نڪري ويئي. ”هيءُ وصيعت نامو عجيب آهي“ ۽ اڳتي پڙهي ٿو.

”مان دوارڪاداس پوري طرح هوش حواس سان سالم پنهنجي ملڪيت ديش جي وير جوانن جي نالي ٿو ڪريان. جي نسوارٿي آهن. جن گهر ٻار ۽ پنهنجي پرواهہ نہ ڪري ديش جو بچاءُ ڪيو آهي جي ئي سچي پاونا ۾ ۽ حقيقت ۾ منهنجي هن ملڪيت جي لائق آهن.“



ڪوئي چئلينج جو جواب ڏيندو؟

□ ڀڳونتي ڪڪريجا.

سندونگر ۾ جيڪي به سوڪ جا ستايل آهن، سي ڪڏهن پنن ڪونه. محنتي آهن، پاڻ تي ڀاڙيندڙ آهن. مرد ڀاڄيون وڪڻن، چڪا ناهين ۽ بزار ۾ وڪڻن يا ته جيڪي به جڳهيون نهن ٿيون تن ۾ مزور تي ڪم ڪن ٿا. زالون به مزوري ڪن ٿيون. ڪي وري گهرن ۾ باسڻ ٻهاريءَ جو به ڪم ڪن ٿيون.

اسان وٽ جيڪا مائي ڪم ڪندي آهي، اها به سوڪ واري ايراضيءَ کان حيدرآباد دکن مان آيل آهي ۽ اٽڪل ست مهنا ٿيا آهن، اسان وٽ ڪم ڪندي آهي. منڍ ۾ ته مونکي خبر ڪانه هئي، پر هنجو ڪم ڏسي مونکي شڪ جاڳيو، ڇاڪاڻ ته اهڙيون ايماندار ۽ لڄاريون

هڪ ننڍڙي سنڌڙي آهي. جنهن کي اسان پنهنجو ڇئي سگهون. پلا جتي ڪٿي سنڌي ڏسڻ ۾ پئي آيا. بازارين ۾، گهٽين ۾، پاڙن ۾ سنڌي ٻار ڇڏي راند ڪندڙ، اِني ڏکر ڪندڙ ٻار، اِسڪولن ۾ ٻار سنڌي، ماستر سنڌي، دڪانن ۾ سنڌي، پاچين وارا سنڌي، ڪپڙائي سنڌي، چونڪن تي نالا سنڌي، دوڪانن جا بورڊ سنڌي، سنڌي پريسون! ڇا ڇا نہ سنڌي هوا!! ڀهراٽا، بزارين ۾ جهوليلعل جا مٺ رکيل. بسين ۾ سنڌي. تون تہ شايد ان وايومنڊل سان هِريل هجين، پر شروعات ۾ مونکي سچ پچ اِهو سڀ نئون پئي لڳو. اچرج ۽ خوشيءَ گاڏڙ خوشي اِنڪري جو اُميد جو هڪ نئون تِرورو ڏسڻ ۾ آيو، ڏسڻ ۾ آيو تہ سنڌيت زنده رهندي ۽ زنده رهڻو ئي پوندو. هتي پلي قوم جا دشمن سڀ حيلا هلائن پر سنڌونگر همالہ وانگر اَڏول رهندو. هن نگر جي نالي کي ڪوبہ مٽائي ڪونہ ٿو سگهي، جو ٻاهر جي سنڌين کي سنڌيت جي راهہ ڏيکاريندو رهندو ۽ پريرڻا ڏيندو رهندو. اڳتي ۽ اڳتي ۽ اڳتي قدم وڌائڻ لاءِ.

ڪارل مارڪس هڪ هنڌ چيو آهي تہ اُن ماڻهوءَ جي کهڙي نہ خطرناڪ شڪل هوندي، جنهن زمين ڏانهن اِشارو ڪري چيو هوندو تہ هيءَ زمين، منهنجي ملڪيت آهي ۽ ماڻ ائين چوندي نہ هٽڪندس تہ اُن ماڻهوءَ جي کهڙي نہ خوفناڪ ۽ پوائتي شڪل هوندي، کهڙو نہ نيچ من وارو هوندو، جيڪو چوندو تو ڦِري تہ سنڌ کي وساري ڇڏيو. سنڌيت کي پُٺِجي وڃو. اَهڙي ماڻهوءَ لاءِ هي سنڌونگر ئي هڪڙو جواب آهي. ماڻ هڪڙي ناهيان پر هن سنڌين جي تيرٿ آستان ۾ جيڪو بہ گهمڻ ايندو، سو پاڻ سان پويتر جل ڪٺي ويندو، جو وڃي پنهنجي گهر ۾ ڇٽڪائيندو ٻارن جي ڇاتين تي، اُن جل جا ڇنڊا وجهندو ۽ اهو پويتر جل آهي هڪ وشواس تہ سنڌي زنده رهندي.

(گهمي وڃ سنڌونگر ڙي يار، ١٩٧٠)

ۂ

(هندو، اَحمدآباد - وسپت، ١٥ آگست، ١٩٩٥)

سؤ سواسؤ رپيا ڪڏين ٿي. توهان جا مرد ياڇيون وڪڻن، ڇڪا ناهي وڪڻن، مزوري ڪن. هت به توهان زالين مردين ڪم ٿا ڪريو، چڱا پئسا ڪمائيندا هوندءَ. اتي ڇا ملندو هو توهانکي؟'

'سچ ته پئسا هت گهڻا ٿا ڪمايون. اُتي چار ڳوٺيون جوئر جون ملن، به ٽي سؤ کن ٻيا ملن ۽ ٻه ٻه ڏڳا ملن. اهو سڀ آهي هڪ سال لاءِ. پر اسان لاءِ ڪوڙ آهن - وڌيڪ ڇا ڪنداسين؟ دال روٽي ملي ته سڀ ڪجهه مليو، پنهنجو ملڪ ته آهي، اهڙي پئسي کي ڇا ڪنداسين؟ اهڙو هڪڙو ڏينهن به اٿين نه گذريو آهي، جنهن ڏينهن پنهنجي ڳوٺ کي ياد نه ڪيو هجي. هڪ ڏينهن ته ڇا، اسانجي هڪ هڪ گهڙي، هڪ هڪ رڳ، دم دم پنهنجي ملڪ کي ياد پيئي ڪري ۽ ان ڪري هينئر به برسات جا ڏينهن اچي پهتا آهن. برساتي هوائون لڳڻ شروع ٿيون آهن. انهن هوائن پنهنجي ملڪ جي ياد وڌيڪ تازي ڪئي آهي ۽ اميد پئدا ٿي آهي ۽ ان اميد تي اسين وڃي رهيا آهيون. وڃي پنهنجي ملڪ جا وڻ ڏسنداسين. بس هيءَ به ڪا قسمت جي ڪاڻ هئي جو هن طرف آياسين. سو ياپي، هاڻي دعائون ڪر ته خوب برسات پوي ۽ وري هن ملڪ جو منهن نه ڏسون.'

منهنجي خواب خيال ۾ به ڪونه هو ته مائيءَ جو جواب ڪو اهڙو هوندو. مونکي ته سچ پڇ، نه نه مونسان گڏ سيني سنڌين کي، هي چئلينج هو. ڇا ڪوئي اهڙي چئلينج جو جواب ڏيئي سگهندو؟ جواب ايندو 'نه'، اسان لاچار آهيون. اسان به ملڪ ڇڏيو، پنهنجا گهر گهاٽ، ڳوٺ شهر ڇڏيا، پر هنن سوڪ جي ستايلن وانگر اسان نصيب وارا ناهيون. هو واپس وڃي رهيا آهن. پنهنجي ملڪ ڏانهن، وڃي وڻ وسائيندا ۽ اسان بدنصيب ماڻهن وٽ پنهنجي ملڪ جي ياد ڪانسواءِ ڪجهه نه رهيو آهي.

> سڀ انسان هڪ جهڙا آهن، ڇا هي ڪهڙي به ڌرم کي مڃيندڙ دل هجي، جي ڪڏهن غير مسلمانن کي مارڻ، انهن جي زالن کي ڀڄائڻ ۾، انهن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ جهڙن خدا جو حڪم هجي ها ته هو انهن کي ورثي ۾ پيدا نه ڪري ها فقط مسلمانن کي ئي سنسار ۾ موڪلي ها! هو پنهنجي بندن ۾ مار ڌاڙ ڪرائي ڀڃ ڊاهه ۾ ڇو ڦاسائي ها؟ □ شير شاهه سوري

زالون تہ هن پاسي جون ڪونهن. آخر پڇڻ تي خبر پيم تہ هو پنهنجا گهر ڇڏي هت آيا آهن روزگار لاءِ.

اڄڪالهہ هوءَ ڪافي خوش ٿي نظر اچي. لڳي ائين ٿو ڄڻ ڪجهہ مڙيو ئي آهي، جو هن جي اندر ۾ خوشيءَ جي لهر پئدا ڪري رهيو آهي. زمين تي پير ئي نٿا ٽڪنس، انڪري منهنجا بہ ٿي ڪوپ ۽ بسيون پڇي ڇڏيون اٿس. گهٽوئي ٿي چوانس 'مائي ٿورو سنڀالي ڪم ڪر، اڄڪالهہ ڇا ٿي ويو اٿيئي' سڄو گهر سندس حوالي هوندو آهي، پر اڄڪلهہ هي ڦريل رنگ ڏسي خيال ڦيرٽو پيو آهي ۽ چوان پيئي تہ هن کي شايد بمبئيءَ جي هوا لڳي ويئي آهي ۽ بين ماين وانگر بي پرواهہ ٿي ٿي ڪم ڪري. آخر پڇڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيس. ڪانئس پڇي ٿي ويهان. سبب ڪهڙو آهي سندس خوشيءَ جو؟

'اسين ماڳہ موٽي رهيا آهيون'، هن چيو 'ان ۾ خوشيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، اهو تہ توهان وڃڻا هيوَ نہ'.

'خوشيءَ جي ڳالهہ تہ آهي ئي، پنهنجا ٿاڻ وٿاڻ جيڪي ڇڏي آيا آهيون، اهي وڃي وسائينداسين. برسات نہ پيئي، اناج نہ ٿيو، ڪيئن هلون، گهر جو سامان، او ويندي پنهنجا ڍور ڍڳا وڪڻي بہ هلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيستائين؟ آخرڪار هت اچڻو پيو، نہ تہ ڪير ٿو پنهنجا وٿاڻ ڇڏي؟ ۽ هينئر جڏهن ڪاريون ڪڻائون آسمان ۾ مڙي رهيون آهن، تڏهن اُميد جاڳي آهي تہ اسين واپس وڃون. اناج ٿيندو ۽ اسين سکي ٿينداسين. اسين تہ ڪڙمي آهيون. زالين مڙدين وڃي کيتن ۾ ڪم ڪريون. صبوح ڪان شام تائين سڄو ڏينهن زمين جي شيوا ۾ پورا هوندا آهيون. پنهنجو ملڪ پنهنجو هوندو آهي. جنم بہ اُتي ورتو، ننڍپڻ بہ اُتي گذاري. وڏن ڪان ورثي ۾ مليل وطن کي ڇا ائين جلد وساري ويهون؟ پنهنجا پڪا وساريون. هي بہ اٺ مهنا الائي ڪيئن ڪاٽيا آهن. هرڪو ماڻهو زالون ۽ مرد پيا پل پل پنهنجي ڳوٺ کي ساريون.'

'پر توهان ڪمايو تہ هت گهڻو ٿا، تون بہ هت مهني ڪن ۾

۽ لڙائي چالو. ماري وِهل کي اڌ-مئو ڪيو هوندو. گهڻو ڪري هنن جي سماج ۾ گهرن ۾ ڪم ڪندڙ زالن ساڻ سندن مرد اهڙو ئي ورتاءُ ڪندا آهن. پاڻ ته ڪجهه ڪمائن ڪونه. زالن جي ڪمائيءَ تي ٻئي هلندا آهن. پنهنجون گهرجون ته پوريون ڪندا آهن، ساڻ ساڻ ٻارن جون پڻ.

جيڪڏهن ڪڏهن ڪو ڪين به ڪم ملي ويندو آ ته سمجهو انهن ماين مٿان آفت آئي. ٻالهائيندا ائين آهن ڄڻ ڪو مير ماري آيا ۽ گهر ۾ اچڻ سان تباهي شروع ڪندا. پئسو پنهنجو ته گهرواري کي ڏيندا ڪونه، ماڳهين ٻارين جو وسڪارو ڪري وجي ڳتي ۾ پوندا ۽ پنهنجي ڪمائي مان دل کولي دارون پي ڏڏندا ڏڏندل، ڦلندا گاريون ڏيندا وجي ڪرندا. گٽر ۾ يا وري پوليس حوالت، نه ته وري گهر ۾ اچي ڪرندا ۽ ڏنڊو زالن کي ۽ ٻارن جي شامت آئي.

زالون ته سندن لاءِ ڄڻ گهاٽي جو ڏڳو آهي. پيون سڄو ڏينهن وَهنديون. گهر کي سنڀاليندينون. پر کي سنڀاليندينون، روٽي ٽڪي. ٻارن جي پالنا ۽ وري اهڙن مردن جي شيوا. لڳندو ائين آهي ڄڻ سندن مردن انهن سان شادي ڪري انهن تي مهرباني ڪئي آهي. ان جو مکيه ڪارڻ آهي سندن سماج ۾ هڪ کان وڌيڪ شاديون نه ته رکيليون. ان ڪري ويچاريون انهن پاڇن کان پري پڇڻ لاءِ سهنديون آهن ۽ اهڙي ڏتڙيل زندگي ڪاٽڻ تي مجبور ٿي وينديون آهن. لڳندو ائين آهي ته گهر هلائڻ جي جوابداري سندن ڪلهن تي هوندي آهي. سوچيندي سوچيندي من بر ٿي ويو. انهن مٿان ديا به ٿي آئي. قدرت به استري جنم به هڪ اچرج ۾ وجهندڙ ناهيو آهي. ڌرتي ماتا وانگر سيني جو بار چپ چاپ پنهنجي ڪلهن تي کڻي ڍوئينديون آهن. ڪين ڪا دانهن ڪرڻ جو اڏڪار به ڪونهي جو منهن مان ”اُف“ به ڪڍي سگهن.

انهي سوچ ۾ منجهيل هيس جو اوچتو دروازي جي گهنٽي وڳي. تڙ تڪڙ ۾ مون دروازو کوليو. سامهون وِهل بيني هئي. ڏسندي ئي مون کائنس اوچتو پڇيو، ”ايترا ڏينهن ڪٿي هئين ؟“

”چا ٻڌايانوَ پاپي ! ؟“ وِهل گنڀيرتا ۽ ڌيرج سان جواب ڏنو، ”هنن ستن ڏينهن ۾ ڇا، ڇا ٿي گذريو آهي مون مٿان ؟ مون نه سمجهو هو ته ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي. لوڪل گاڏين ۾ هنن جو ڌنڌو سامان وڪڻڻ جو، هونئن ته ڪافي چتر ۽ چست آهي. پر ڪا گهڙي ڪنهن کان پڇي ٿوروئي ٿي اچي. ان ڏينهن سندس پير لوڪل گاڏي ۾ چڙهڻ مهل ڦبي نه سگهيو ۽ ترڪي اچي اندر گاڏي جي ڏبي ۾ ڪريو. هيءَ ته ايشور جي ڪرپا هئي جو ڪيس نه جهڙا ڌڪ لڳا صرف پير ۾ مڙو پئجي ويو. سندس چرڻ پرڻ بند ٿي ويو. گهر ۾ ريلوي وارن اسٽريچر



دائرو

■ ڀڳونتي ڪڪريجا

جڏهن کان باسڻ ملڻ واري نئين مائي آئي آهي. آءُ ڏاڍي خوش آهيان. هڪ ته هنجي شخصيت تمام سٺي ۽ ڪافي اثردار آهي. صاف سٿري نه پاڻ سوپاري ۽ تماڪو کائڻ جي عادت نه وري هيڏي هوڏي نوس نوس ڪرڻ جي عادت. هنن ڇئن پنجن مهنن ۾ هڪ ڏينهن به گسايو ڪونهي ۽ نه وري ڪا موڪل ورتي آهي. وقت سر ايندڙ نه گهٽي ڳالهائڻ جي عادت. گهر ۾ گهسڻ سان هڪ مسڪراهٽ ڦهلائيندي بس پنهنجي ڪم ڪي لڳي ويندي آهي. لڳندو آهي جڻ وهنوار ڪنهن تعليم يافت مهلا وانگر اٿس.

اڄ پورا ست ڏينهن ٿيا آهن جو اُها مائي ”ومل“ ڪم تي ڪونه آئي آهي. مونکي ڪافي چنتا ورائي ويئي آهي، ته وري ڇا ٿيو ؟ الائي ڇا ٿيو ! ڀاڳن سان مس مس اهڙي سٺي مائي ملي هئي. مان من ئي من ۾ پڇتائي رهي هيس ته مون هن سان ڪڏهن کلي دل سان ڪونه ڳالهايو آهي ۽ نه وري سندس گهر جو پتو پڇيو آهي. من ۾ نه ڄاڻان ڪهڙا ڪهڙا خيال اچڻ لڳا هئا. سندس گهوٽ رات-ڏينهن سندس ڪمائي تي ڀاڙيندو هوندو ۽ سندس ڪمائي جو پيئندو هوندو. پيئڻ لاءِ ومل کان ئي پئسا گهرندو هوندو. نه ملڻ تي مارڪٽ ۽ جهڳڙو



ڀاڳ پنهنجو پنهنجو!

ڀڳونتي ڪڪريجا

مالتيءَ جيئن ئي ريڊيو آن ڪيو، ڪيس پراڻو گيت ٻڌڻ ۾ آيو ”اِڪ بنگل بني نيارا، سوني ڪا بنگلا، چاندي ڪا بنگلا.“ مالتيءَ کي سنگيت ٻڌڻ جو گهڻو شونق هو. اهو به، ”پولي بسري گيت“. انهن گيتن سان سندس گهڻيون ئي يادگيريون جڙيل هيون. ننڍڻ جون يادون. پوءِ ڪنوارپڻي ۾ اسڪول جون يادون، ڪاليج جيون جو سونهري يادون، سندس سڀ ڀاونائون ڄڻ سنگيت مان اُپريون هيون خاص ڪري گيتن جا ٻول - ڀاو پورڻ ۽ ڪروڻاميہ هئا تڏهن گ يت ٻڌندي ٻڌندي مالتيءَ جون اکيون پرجي ايندیون هيون.

وهانءَ کان ٣٠ سالن کانپوءِ سندس هيءُ سپاءُ جهڙي جو تهڙو رهيو. جهڙي جواني هئي ”اِڪ بنگل بني نيارا، سوني ڪا بنگلا، چاندي ڪا بنگلا.“ ٻڌي من ئي من ۾ مسڪرائي. وشواس نہ ايندي بہ پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو پڻ پڻ

تي ڪٽي اچي پهچايو. پوءِ تہ پاپي سندس شيوا ڪي لڳي ويس. سندس سنڀال مونکي ئي ڪرڻي پئي. گهر ۾ آهيون صرف چار جيو. هڪ هُو، ٻيو مان ۽ ٻہ ٻار جي اڃا ڪافي ننڍا آهن. ڊاڪٽر وٽ وڃڻ، ڪيمسٽ جي دڪان تان دوائون وٺڻ. گهر ۾ مٽن مائٽن ۽ پاڙي وارن جي اچ وڃ. هيو تہ پير ۾ مڙو پر ريل گاڏي جي ڪري نالو گهٽو وڃي ويو ۽ اچ وڃ گهٽي هئي ۽ مونکي ان اچ وڃ سان بہ منهن ڏيڻو پيو ڇوڏاري ڊڪ ڊوڙ مونکي ڪرڻي پيئي. معاف ڪجانءِ پاپي، جو وقت تي توهان کي ڪو نياپو نہ ڏيئي سگهيس.''

مان شانت ۽ اچرج ۾ پئجي ويس ۽ سندس ڳالهيون ٻڌندي رهيس. مون سوچي ڇا هو ؟ ۽ ٻڌي ڇا رهي آهيان مون ڪيس ٻڌايو تہ مان ڪجهہ ٻيو ئي سمجهو هو تہ تنهنجو مڙس بہ ٻين وانگر هوندو. پي ڪري اچي تو سان جهيڙو ڪيو هوندو ۽ وري مار ڪٽ ڪئي هوندي ۽ ويچارن ٻارن ....''

وِمل وچ ۾ ئي ڪٽيندي جملو پورو ڪرڻ نہ ڏنو ۽ چيو، ''نہ ! نہ ! پاپي اسانجي گهر ڪڏهن نہ اهڙو ڪجهہ ٿيو ڪونهي. اچ ڏهہ سال ٿيا هوندا اسانجي شاديءَ کي ڪڏهن بہ سنيران ڪو اسانجي وچہ ۾ ڪا ڪٽ پٽ ٿي هجي. هو منهنجي ڪافي عزت ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن مان نہ ڪمايان تہ اسان اهڙي طرح سٺي نموني گذارو ڪونہ ڪري سگهون ها. هو ڪڏهن بہ منهنجي مٿا حاوي نہ ٿيو آهي ۽ نہ وري مان بہ ڪاهن مٿان حاوي رهي آهيان يا ڪا ڪوشش ورتي اٿم. اسان هر ڳالهہ تي هڪ ٻئي سان سمجهوتو ڪري زندگي بسر ڪندا آهيون. فقط هڪ دفعو هن شراب پيتو هيو. مون ڪليل دماغ سان اعلان ڪيو تہ اڳتي جيڪڏهن هن شراب کي ڇهيو بہ تہ مان ڪڏهن ڪم تي ڪونہ ويندس. ڇو تہ پاپي، جڏهن اسان ٻئي ڪمايون ٿا تہ هن مهانگائي ۾ بہ پنهنجي گهر گرهستي کي سٺي نموني پيا هلايون ٻارن کي بہ اسڪول ۾ وڌو آهي. پاپي ! ڪڏهن تہ اسانجي هن ننڍڙي گهر ۾ اچي چرن گهمايو. اچي ڏسو تہ اسان ڪيترو نہ سٺو گهر ٺاهيو آهي. مونکي ڪڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ جو ڏکہ ڪونهي مان پنهنجي گهر ۾ ڏاڍي خوش آهيان. مسڪرائيندي هوءَ اندر وڃي پنهنجي ڪم کي لڳي ويئي. ٻهاري، فرش اگهي ٻاسڻ وغيره ڪري پنهنجو روزانو ڪم پورو ڪري ''چڱو پاپي، وڃان پيئي'' چئي هوءَ هلي ويئي.

۽ مونکي ڇڏي ويئي منهنجي اندر ۾ چنين سان، سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ويئي، ''پڙهيل لکيل هوندي بہ مان اڏڪار حاصل ڪري ڪونہ سگهين آهيان.'' مرد جو اهنڪار ۽ مردانگي جو دائرو هميشہ اسان ساڻ رهندو آهي.

***

گھر ۾ آيو ۽ مالتي سان ملي جو رنو. ايترن سالن کانپوءِ کيس ماءُ ۽ پيءُ جي ياد اچي ويئي دل وڻان رني، پيار مان ان مالتيءَ کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. پهريون تہ نہ، نہ، ڪندي رهي، گھر جي سار سنڀار ڪير ڪندو، ٻار سندس ٻنان هڪ گھڙي بہ اکين کان اوجھل نہ ٿيا آهن، اڪيلا نہ رهيا آهن. پر ڳوٺ جي همٿائڻ تي مالتي پنهنجي ماماڻي مائٽ سان گڏ پنهنجي پيڪن گواليار وڃڻ لاءِ راضي ٿي ويئي. جڏهن وڃڻ جون سڀ تياريون ٿي ويون تہ پٽ راهول چيو، ”ممي تون نہ ڪمال ٿي ڪرين. تون پنهنجي پاءُ سان ناناڻي هلي ويندي تہ صبوح صبوح بيڊ ٽي ڪير ڏيندو ؟“ ڌيءَ سنگيتا وري ڪافي ناراضگيءَ ڏيکاريندي چيو،

”سروس تي وڃڻ مهل لنچ باڪس ڪير ناهي ڏيندو ؟“ ننڍي ڌيءَ ڪويتا بہ پوئتي نہ رهي، پريل آواز ۾ چيو،

”ان جو مطلب تہ گھر جو سڄو ڪم مونکي ڪرڻو پوندو ؟“ مالتي جا تہ دماغ جا تاڪ لڳي ويا. جلدي ٽڪرو ٽڪرو ٻاهر ويئي. من ۾ پيڙا پئدا ٿي اکہ آنسن سان آليون ٿيو ويون. سيني ڳالهيون ٻڌي مالتي هواڪ رهجي ويئي سوچڻ لڳي،

”ڇا آهن منهنجا پنهنجا ؟ ...... جن جي ڪنڌن ۽ ڪلهن تي منهنجو مستقبل آهي. من ئي من وشواس نہ ڇڏي اندر ئي اندر ۾ رڙ ڪئي، ”اڙي هيءَ ڪهڙي حالت آ ؟ ڪهڙي نہ دکہ جي ڳالھہ آهي، ڪنهن ائين نہ چيو، هڪڙو جملو بہ نہ چيو، ”ممي جڏهنتون هلي وينديءَ تہ هيءُ گھر اسانکي کائڻ لڳندو. سڄو سڄو لڳندو، اسان تو کانسواءِ ڇا اڪيلا رهيا آهيون ؟ اسانکي هر پل تنهنجي ياد پئي ستائيندي، ٿڌو ساھہ کڻندي مالتي پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو ”شايد هن کي ئي چوندا آهن، جنريشن گئپ (خال ......) پاڪر پائي چون ها ”ممي تو نہ وڃ.“ ٻڌي ڪري شايد وڃڻ جو ويچار بدلي ڇڏي ها، پر اهڙو ڪجھ ڪونہ ٿيو. جيئن اهڙو ڪجھ هنن چئن پنجن ڏينهن ۾ مالتيءَ سوچيو هو.

ڪئي. ”سون جو تہ ڪونهي. سيني سکن سهوليتن سان پريل آهي. گهوٽ جي محدود آمدني هئي. تہ بہ گهڻي جفاڪشيءَ سان پنهنجي ٽن ٻارن، راهو، سنگيتا ۽ ڪويتا کي اُهي سک سوڌائون ڏنيون جي مهانگري جيون جي ڊڪ ڊوڙ ۾ گهڻي ڪننائي آئي. جيڪي سپنا مالتيءَ رڇيا هئا. اُهي پورا نہ ٿيا. ان جي پڙدي جي پوئتان مالتيءَ جو ئي ساهس هو.

گهوٽ جي محدود آمدنيءَ تي ئي سڄي گهر جو آڌار هو. اُن زماني ۾ ڇوڪري جي تعليم چريتر ۽ خاندان ڏٺو ويندو هو. اُهي سڀ گڻ ڏسي وائسي جاچي جوچي مالتيءَ جي ماتا پتا ان ڪٽنب سان ناتو جوڙيو هو. مالتي پنهنجي مائٽن جي سڪيلڌيءَ اولاد هئي. جيڪو گهريو هئائين، اهو ڪيس مليو هو، پر وڌاتا جي ڪتاب ۾ ڪجهہ ٻيو ئي لکيل هو. شاديءَ جي ٿوري وقت ڪانپوءِ ماءُ پيءُ جي ڇانوَ مٿي تان لهي ويئي. مالتيءَ جو هاڻي پيڪن ۾ ڪوبہ ڪونہ هو جو ويجهو مائٽ هجي جنهن وٽ وڃي پنهنجي ماءُ پيءُ جو پيار سان پريل آشيرواد ملي. هاڻي تہ ساهرا ئي سندس لاءِ سڀ ڪجهہ هئا پنهنجو پيارو گهر، ٻار هاڻي هيءُ سڀ ها مالتيءَ جي جيون تائين پونجي.

ڏيري ڏيري مالتي پنهنجي گهر گهرهستي اهڙو سردل رهي جو ڪيس ڪو هو نہ رهيو ۽ ڪيس تڏهن هوش آيو جڏهن سندس ٻار وڏا ٿي ويا. اسڪول جي سکيا ڪانپوءِ انهن ڪاليج جي پڙهائي بہ پوري ڪئي هئي. ايشور جي ڪرپا سان سنين نوڪرين تي بہ لڳي ويا هئا. سنگيتا وڏي ڏيءَ اسڪول ۾ ماستراڻي، پٽ راهول وري ڪمپيوٽر لائين ۾ ننڍي ڌيءَ ڪويتا بہ پنهنجي پڙهائي پوري ڪري پنهنجي ماءُ مالتيءَ کي گهرجي ڪم ڪارہ ۾ هٿ ونڊائيندي هئي. ننڍڙو سکي ڪٽنب سڄي پاڙي ۾ مشهور سنسڪارن واري فئملي. ٻار هميشهہ پڙهائي لکائي ۾ هميشهہ اڳتي رهيا هئا. مالتيءَ پنهنجي گهوٽ جي محدود آمدنيءَ مان تياڳ ۽ لڳن سان گهر جو خرچو تہ هلايو هو. ساڻ ساڻ سينگاريو ۽ سنواريو بہ هو ٻارن کي سڀ سک ۽ سهوليتون ڏنيون جيئن ٻارن گهريو هو کين مليو هو. پنهنجي گهر پنهنجن ٻارن کان جدا نہ رهي هر پل هر گهڙي مالتي جو سات پنهنجي گهوٽ ۽ ٻارن سان ساڻ هو. مالتيءَ پنهنجو سڄو جيون پنهنجي پريوار لاءِ ارپي ڇڏيو هو.

اوچتو هڪ ڏينهن سندس پيڪن مان ڪو ڏور انهون مائٽ مالتي وٽ

ننڍي ٽيبل تي ڪنهن پراڻي زماني جو ريڊيو پيو آهي. جو شايد ڏڪڻ (سنڌ) مان کڻي آيو ٿو ڏسجي. اوطاق جي َمنڍ ۾ ٻه دروازا آهن جي اندر کلن ٿا. نانڪي جو اوطاق ۾ اچڻ.)

نانڪي : (ڪاڪي انبومل کي پيرين پوندي) بابا پيرين ٿي پوران.

انبومل : جيءُ، بابا جيءُ، ڏيءَ اڄ صبوح صبوح ڪاڏي تياري ڪئي اٿئي ؟

نانڪي : ڪوپريءَ تي وڃان. امان نياپو موڪليو آهي. راجڪماريءَ لاءِ ڇوڪرو جو ڏسڻو آهي.

ڪاڪو : راجڪماري، ننڍي پيٽين ؟ پوءِ تون ته وڃين ٿي، اخبار ڪير پڙهي ٻڌائيندو ؟

نانڪي : شام تائين اچي ويندس. هونءَ جو شام جو چانهه سان گڏ اخبار ٻڌندا آهيو.

ڪاڪو : نه پٽ، اڄ ڳالهه ٻي ڳالهه آهي، چنڊ تي جو آمريڪا ماڻهو موڪليا آهن پهتا يا نه ؟

نانڪي : ان ڪري ايترو انتظار ؟

ڪاڪو : ان ڪري ته هاڻي روز توکان صبوح صبوح اخبار ٻڌندو آهيان.

نانڪي : انيل وينو اٿوَ پڙهي ٻڌائيندوَ، چڱو مان وڃان ٿي.

ڪاڪو : چڱو ابا وڃ، (چلم مان ٻڙڪو ڪڍندي) جهامن کي ڪجهه تاڪيد ڪيم ته اخبار ٿورو سيگهيرو کڻي اچجانءِ پر هي ڇورا آهن پنهنجي من جا موڙها جڏهن وڻين تڏهن حاضر. اَٺ لڳي ويا آهن اجا ته جهامن جو سر نه منهن، اچي ته سهين. اهڙي ڏمال ڪيندوسانس جو عمر ياد ڪندو. (ايتري ۾ جهامن اخبار ڪاڪي کي هٿ ۾ ڏيڻ بدران دروازي مان ڦٽي ٿو ڪري)

ڪاڪو : (رڙ ڪري) اَڙي ڇورا جهامن، اهو وري اخبار ڦٽي ڪرڻ ڪڏهن کان سکيو آن ؟ هڪ ليٽ پئجي ويو آنءِ. ٻيو هيءَ ڪار ! تنهنجو دماغ به چنڊ تي پهچي ويو آ !

جهامن : ڪاڪا ؟ هن چنڊ ته مصيبت پئدا ڪئي آهي، اخبارون وڪڻيون ناهن جڻ بابهن جي ملڪيت آ. هتون ڪس لڳي پيئي آ.

ڪاڪو : ته تنهنجي ملڪيت آ. پئسا ٿو وٺين مفت ۾ نٿو ڏين يا ٻئي تي ٿو مهرباني ڪرين. ٻئي مهني کان توکان اخبار بند. مان

چنڊ جو ڇا ٿيو؟



پاتر -

ڪاڪو انبومل : وڏو زميندار (سنڌ ۾)

نانڪي : ڪاڪي انبومل جي وڏي ننهن

جهامن : اخبار وارو

انيل : ڪاڪي انبومل جو جو پوٽو

ويران : ڪاڪي انبومل جي پنجابي سنڌي ننهن

بنٽي : ڪاڪي انبومل جو پوٽو

(جڳهه : سنڌونگر ۾ ڪاڪي انبومل جي اوطاق، وقت : صبوح جو اٺ وڳا آهن.)

(ڪاڪو انبومل پنهنجي اوطاق ۾ ويٺو آهي. حقي مان پيو ٿو ٻڙڪا ڪڍي، ويٺو آهي جهامن اخبار واري جي انتظار ۾. ۴ ڪٽون پيون آهن، وچ تي فراس وڇايل آهي. پٺين تي مورتون ٽنگيل آهن پري پٺ لڳ هڪ

كوشليا، كيڪئي ۽ سمترا، راجا جو نالو هو دسرٿ، راجا دسرٿ کي .....

ڪاڪو : (وچ ۾ ڪٽيندي) اڄ اڃا هي ڇا ٿو پڙهين ؟ اخبار يا رامائڻ ؟

انيل : بابا اخبار ٿو پڙهان.

ڪاڪو : اخبار ۾ ڇا رامائڻ لکيل آهي ؟

انيل : ها بابا رامائڻ جي ڳالهه به لکيل آهي.

ڪاڪو : ته مکيه خبر پڙهه.

انيل : چڱو (اخبار پڙهندي) فئنٽم پوءِ ان بعدماش کي ڪياڙيءَ وارو اهڙو ٺونشو هيون جو بولا ٽيون ڪائيندو پري ڪريو.

ڪاڪو : اهو وري فنٽم ڇا ٿيندو آهي ؟ اهو ڇا ٿو پڙهين ؟

انيل : فئنٽم بابا، فئنٽم ڏاڍو بهادر ماڻهو اٿئي هان !

ڪاڪو : بن پئي فنٽم تون مکيه خبر پڙهه، منڍ واري پني تي.

انيل : (اخبار جو پويون پاسو پڙهندي) ”بورنوٽا شڪتي ديتا هئه، بوڙون اوور بچون ڪي ليئي“ بابا توهان به پيدا آهيو بورنوٽا شڪتي وٺو.

ڪاڪو : اهو وري بورنٽا ڇا ٿو پڙهين ؟ ڪڏ پوي بورنٽا مان ٿو چوان تون شيطان آهين. ڏاڏي کي تنگ ٿو ڪرين ؟ ڪهڙو ٿو پنو پڙهين ؟

انيل : بابا منڍ وارو ته پنو پڙهان ٿو.

ڪاڪو : اهو منڍ وارو ناهين. اهو پويون پنو آهي.

انيل : ديوناگريءَ ۾ ته منڍ هن پاسي شروع ڪبو آهي.

ڪاڪو : چڱو ڇڏ ضد کي هي پاسو پڙهه ته چنڊ جو ڇا ٿيو.

انيل : پوءِ بابا اخبار ۾ ڇا ٿا پڙهو بانيڻ ڪان نه ٿا پڇو ته چنڊ ڪڏهن آ توهان به ٻارن وانگر چنڊ رات جو انتظار ٿا ڪريو (ڪلي) ته ٽڪائي جو ڪٽاه ڪانوان.

ڪاڪو : انل تون گهڻو ڳالهائو آهين. چريا چنڊ تي ماڻهو پهتا. اهو پڙهي ٻڌاءِ هن پاسي پڙهه منڍ ۾.

انيل : (’هندستان‘ اخبار جو منڍ پڙهندي) هندستان سنڌي دئنڪ، هندستان دئنڪ ! بابا ٻيو ته ڪجھ نه لکيل آهي.

ڪاڪو : ٻيو ڪجھ نه لکيل آهي ؟ تڏهن ڪلاس ۾ پهريون نمبر ڪيئن

مروتي کان وٺندس.

جيامن : نہ سائين، مان توهان کان ڊڄندو آهيان. ان ڏمال کان تہ توهان کان پاسو ڪري ويس. توهانجي اخبار بہ لڪائي رکي هئي. ۴ گهران ڪٽي آيو آهيان.

ڪاڪو : چڱو وڃ پر اخبار هٿ ۾ ڏيندو ڪر.

ڪاڪو بڙڪو ڪيڏندي اخبار کي ڏسي ٿو)

ڪاڪو : (پاڻکي) نہ پڙهيس تہ ٻاڻون ٿو ڳاوان. علم ڪانسواءِ سڀ اوندهہ ٿي پنهل علم انسان لاءِ ٽيون نور آهي، خط اچي تہ بہ ٻئي کان پڙهايان. اخبار بي کان پڙهايان. هونئن تہ نانڪيءَ جو آسرو هوندو آ. هاڻي جڏهن انيل اچي.

(ڪاڪو اوطاق جي دروازي وٽ اچي ٻاهر ڏسي ٿو. پر انيل ڪيس ڏسڻ ۾ نٿو اچي. سڏ ٿو ڪري. متان ڪٿي ڪنهن گهر ۾ وينو هجي.)

ڪاڪو : (سڏ ڪري) انل اڙي او انل

(انيل جو ڪاڪي جي پوئتان اچي اڳهڙ بينو هو)

انيل : (ڪاڪي جي پوئتان) ڇو بابا ؟

ڪاڪو : اڙي ڏاڏي کي 'ڇو' چئبو آهي ! گهڻا دفعا سيکاريو ٿي ماڻءِ تہ وڏن سان اَدب سان ڳالهائبو آهي. 'جي' سان جواب ڏبو آهي.

انيل : 'جي' بابا.

ڪاڪو : شاباس پٽ، هندستان اخبار تہ پڙهي ٻڌاءِ.

انيل : ها پڙهي ٿو ٻڌايانوَ، پر پهريون پنج پئسي ڏيو.

ڪاڪو : پنجاهہ پئسي ڏيندوسانءِ پڙهي ٻڌاءِ.

انيل : پهرين ڏيو.

ڪاڪو : تون ضد ٿوروئي ڇڏيندين. جن ڇڏي پوت ڇڏي پر تون نہ ڇڏين. هان وٺ. اخبار پڙهي ٻڌاءِ.

انيل : (خوش ٿي) ڪٿي آ اخبار ڏيو تہ پڙهي ٻڌايانوَ.

ڪاڪو : (ڪت تان ڪٽندي) هان وٺ (خوش ٿي) شاباس پٽ، هوشيار آهين نہ ؟

انيل : (هندستان اخبار پڙهندي) هڪڙو هو راجا ان کي ٣ زالون هيون

ويران : (اخبار پڙهي ٿي) چنڊ تي ماڻهو پهتا. س - چ - پ - چ - پ - ه - ت - ا. نہ، نہ پهتا. تہ چنڊ تي ماڻهو پهتا. سچ پچ پهتا. ڪوريڪٽ.

ڪاڪو : ميران بي - اي پاس ڪيل آهين. پر اخبار نٿي پڙهين سگهين. اهو آهستي آهستي اخبار ڪيئن ٿي پڙهين ؟

ويران : اي عربي لپي وي، هڻ تہ سڪدي هان. او روز سڪارڻ پيا وي، مان ڇا ڪران.

ڪاڪو : پڙهہ، پڙهہ، مطلب تہ نڪري ٿو وڃين. اڳتي ڇا ؟

ويران : (اخبار پڙهڻ تي چالو ڪري) پر اي نڪي اکر هن، (ڪلي) ننڍا اکر هن. پڙڻ ۾ نہ آندي هن.

ڪاڪو : (چڙ ۾) مصيبت آ. گهر ۾ هيڏا پٽ نونهر آهن پر اخبار ڪوئي پڙهي نٿو ٻڌائي. چڱو ڏيءَ شاباس وري بہ پڙهي ٻڌايئہ. چنڊ تي ماڻهو پهتا. منهنجا پاڳہ مون سان. چنڊ جو الا ئي ڇا ٿيو. تون وڃ پٽ پل وڃ.

ويران : (انيل کي) اي انيل تون ان کي بلا ءِ. او جيڙو بنٽي اي نہ، اُنکي بلاءِ. تہ سهري کي اخبار پڙهي سڻائي (هلي ٿي وڃي) (ٿوري دير ڪانپوءِ انيل بنٽي کي وٺي ٿو اچي)

بنٽي : گوڊ مارننگہ گرانڊ فادر، واٽ ڊو يو وانٽ. توهان ڇا ٿا چئو. واٽ ڊو يو سي، توهان ڇا ٿا چئو. سي - سي. چئو - چئو.

ڪاڪو : هي وري ڪهڙو انگريز آهي ؟ اڙي انگريز پٽ هي اخبار تہ پڙهي ٻڌاءِ ؟

بنٽي : پيپر. ويئر از پيپر اخبار ڪٿي آ ؟

ڪاڪو : هان وٺ شاباس پٽ پڙهہ.

(بنٽي اخبار پڙهي ٿو اُٿلائي پٿلائي ٿو. ۽ آخر پڙهي ٿو.)

بنٽي : (اخبار پڙهندي) وانٽيڊ سنڌي هارڊ ورڪنگہ اڪائونٽنٽ ائنڊ ڪلا رڪس. اپلاءِ باڪس نمبر ٣۴٨، هندستان، حمام اسٽريٽ، بمبئي.

ڪاڪو : هي ڇا ٿو پڙهين. اخبار ڪيئن ٿو پڙهين، چڱي طرح پڙهہ.

بنٽي : او. ڪي. پڙهان ٿو فئنٽم گيو ....

ڪاڪو : نہ نہ نہ ..... اڙي اهو بهادر نہ پڙهہ، چنڊ جو ڇا ٿيو ؟ اهو پڙهہ.

ايندو آهين ؟ تون تہ صفا ڪچو ڏڏ آهين.

انيل : جو لکيل آهي سو پڙهي ٿو ٻڌايانوَ باقي تہ الائي ڪهڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. اسانجو ماستر تہ هن ڪي چٽڪي ٻولي چوندو آهي.

ڪاڪو : بيوقوف هوندو. پاڻ نہ پڙهيل هوندو تو وانگر. ڇگو تون وڃ تون تہ جائي ديوتائن واري ٻولي پڙهندو آهين. ديوناگري ڇگو پنجاب واري چاچيءَ کي سڏ ڪر. ويران کي.

(انيل هليو ٿو وڃين ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ هڪ تازي شادي ڪيل ڪنوار اندران اچي ٿي ۽ ڪاڪي کي پيرين ٿي پوي.)

ويران : (ڪاڪي کي پيرين پوندي) سهرا پيري پوندي آن.

ڪاڪو : ميران ڏيءَ، جي پٽ

ويران : ڪي تا آکيو ؟

ڪاڪو : چا پٽ، گيتا پئي پڙهيئہ ؟ ڏاڍو سٺو پئي ڪيئہ. وڃ پٽ وڃ پهريون اها پڙه پوءِ اچجانءِ.

ويران : مئن چوندي هان. (لڄي ٿي) مان چوندي ها چا تا آکيو ؟ فرمايو.

ڪاڪو : (کلي) آهين سنڌي پر پنجاب ۾ رهڻ ڪري سنڌي نٽي ڳالهائي سگهين !

ويران : مان چا ڪران، رهي پنجاب وچ هان.

ڪاڪو : ڇگو ڏيءَ هيءَ اخبار تہ پڙهي ٻڌاءِ.

ويران : (اخبار پڙهندي) هہ - ن - د - س - ت - ا - ن اري آهو ! آهو !، هندستان مطلب ڀارت، سهرا، ڪي انجو نام هندستان اي. نام ڇگو وي پتر جو.

ڪاڪو : شاباس، شاباس، پڙهہ، پڙهہ اڳتي پڙهہ.

ويران : وڌا اکر صاف هن. پر پتر وارن ان کي زير زبر نہ دتي وي. ڇگو ڪوشش ڪران تي. چ - ن - ڊ اري هان چن، ج - ن زبر چن ڊ دي پيش ڊُ چنڊ ڪوريڪٽ هان جي چنڊ تي م - ا - ڻ - هہ - و ... ماڻهو پ - هہ - ت - ا اري ساري، ساري (کلي ڪري) مان غلط پڙدي ها. مطلب چنڊ تي ماڻهو پهتا. ڪوريڪٽ.

ڪاڪو : (اچرج ۾ رڙ ڪري ۽ خوش ٿي) پهتا، چا چيئہ، پهتا. شاباس ڏيءَ شاباس. اڳتي پڙهہ.



سنڌ جي چاڻ رکو!

يادگيريون خود سيٺ نائون مل جي لفظن ۾ : سيٺ نائون مل جي خاندان ۽ هن جي پرواقعات زندگيءَ جو احوال (سنہ ١٨٧١ع تائين) خود سندس زباني ہڏايل کهاڻيءَ تان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل، جنهن جو هاڻ وري انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل آهي.

ڀان هڪ ننڊو شهر آهي اُلهندي ناري جي ويجهو هڪ واهہ تي آهي جو سنڌو نديءَ ۾ نڪري سيوڻ تعلقي ۾ منڇر ڍنڍ ۾ پوي ٿو. سيوڻ وٽ اڙل درياهہ مان منڇر جو پاڻي سنڌو نديءَ ۾ نيڪال ٿيندو آهي. اُلهندي ناري ۾ ئي سنڌ ۾ عمدي ۾ عمدي سارين (چانورن) جي پوکہ ٿيندي آهي.

ٺٽو، لاڙ جي دوآبي جي منهن وٽ لاڙ جو سڀ کان مشهور شهر آهي. گهڻن محققن جو خيال آهي تہ اهو ديبل جو قديم شهر آهي، جو انين

بنٽي : مؤن، ها ها مؤن. ويئر از مون ڪٽي آ (ڳولهي ٿو) هتي تہ ڪونهي مون از ان د اِسڪاءِ.

ڪاڪو : اڙي سياڻا. منڍ واري پني تي هوندءِ.

بنٽي : (پويون پنو پڙهندي) پرنٽيڊ باءِ بلرام موٽواڻي....

ڪاڪو : اهو ڇا لکيل آ. اهو ڇا ٿو پڙهين. اتي نہ هيٺ (اخبار وٺي منڍ تو ڏيکاريس)

بنٽي : او ييس گرانڊ فادر، هيئر اِٽ اِز. هتي آهي دي هندستان سنڌي ڊيلي - ايڊيٽر .....

ڪاڪو : •تنگ ٿي چڙ مان) اهو ڇا ٿو پڙهين ؟ بيوقوف اخبار آ ڪن مصيبت. هي تہ هاڻي ۽ انڌن جي ڪهاڻي ٿي پيئي. جيئن جنهن کي ٿو لڳي ائين ٿو چوي.

انيل : بابا بنٽي تہ انگريزي پڙهندو آهي. ڪانويٽ ۾ اها سنڌي ٻولي نہ پڙهندو آهي.

ڪاڪو : تہ هيءَ ٻولي ڪير پڙهندو ؟ مونکي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ سڀ ائين ڇو ٿا ڪن، منهنجا پٽ سڀ بيوقوف آهن. پاڻ خود سنڌي سکيا ۽ پنهنجن ٻارن کي پڙهائن ٿا ديوتائن جي ٻولي، ۽ انگريزن جي ٻولي. پر ڏسندس تہ انهن کي سنڌي پڙهڻي پوندي، سنڌ کي ڇا اهڙو سولو وساري ڇڏبو. پنهنجي شمس الدين. گل محمد جو ڇا ٿيندو. انهن سان لکپڙه ڪيئن ڪنداسين. سنڌ ڇڏي آياسين ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي بہ ڇڏي ڏيون. اسان پاڻ سان سنڌ تہ نہ کڻي سگهيا آهيون. پر سنڌي ٻولي تہ کڻي سگهيا آهيون. سنڌي ٻولي ڪري تہ هڪ ٻئي کي سمجهي سگهبو. پڙهي سگهبو. تہ سمجهي سگهبو. اسانکي سنڌ جي يائرن کي وسارڻو ناهي. انهن سان ناتو رکڻو آهي. سنڌ سان ناتو رکڻو آهي. تہ سنڌي ٻولي سکڻي پوندي.

•••

شروع ۾ ٿيو.

جوکيا، هڪ قديم بلوچ (سماٽ) قوم آهي. هو ڪراچيءَ ۽ دوآبي جي وچ ۾ جيڪو ويران پٽ آهي، تنهن جا مالڪ آهن.

سمان (سما) هڪ راجپوت قوم آهي. سنه ۱۳۵۱ع کان ۱۵۲۱ع تائين سنڌ ۾ حڪومت ڪئي هئي. ممڪن آهي ته ٺٽو، واقع ئي قديم ديول جو شهر آهي ۽ گهڻين صدين کان هلندو پئي آيو.

جام - هڪ هندو خطاب آهي، جنهن جي اصليت جي باري ۾ اختلاف آهن. سنڌ ۽ ان جي پر واري ملڪن ۾ ڪيترا سردار پاڻ کي جام سڏيندا آهن، ۽ اهو خطاب اڪثر ڪنهن قوم جي سردار يا رياست جي حاڪم تائين محدود آهي، لس ٻيلي جو حاڪم به جام سڏبو آهي. سنڌ جي اُتر ۾ بهاولپور جي سرحد تي، روهڙي ضلعي ۾ اُباوڙي جي زميندار کي به جام چون. اولهه ڪاٺياواڙ ۾، نوانگر جو مهاراجا ۽ مشهور ڪرڪيٽ جو کيلاڙي شهزادو رڻجيت سنگهه، جنهن کي اڄڪلهه هرڪو انگريز سڃاڻي، جام جي لقب سان خطاب ٿيندو آهي ۽ هن جي رياست ۽ ان جي گادي به جام‌نگر جي نالي سان مشهور آهي. جيتوڻيڪ انهن جو صحيح نالو نوانگر آهي.

حيدرآباد، سنڌ ۾، ڪراچيءَ کان پوءِ ٻيو مکيه شهر آهي. اهو شهر پهريائين ڪلهوڙن ۽ پوءِ ميرن جو تخت گاهه هو. سنڌ ۾ حيدرآباد ئي هڪ اهڙي جڳهه آهي، جتي چوني جو پٿر زمين جي مٿاڇري کي ڦاڙي ٻاهر نڪري آيل آهي. انهيءَ چوني جي پهاڙ تي هڪ مضبوط قلعو ٺهرايو ويو هو، جنهن کي ميرن جي نيڪاليءَ کانپوءِ انگريز، اسلحخاني طور ڪم آڻيندا هئا.

بهرامي - هي بلوچ جتن جو قبيلو آهي، جي اُٺ پاليندا آهن. هو برهماڻي به سڏبا آهن. هو ڪراچيءَ جي اُتر ۾ تمرين جي علائقي ۾ ڏماچ ۽ ٿاڻي عاربع خان جي وچ تي رهندا آهن.

ڪرمتي بلوچن جو قبيلو آهي. هي بلوچن جو مشهور قبيلو مير پور ساڪري ۾ رهندو آهي جو ڪراچيءَ جي ويجهو دوآبي جو هڪ آباد حصو آهي.

صديءَ ۾ عربن فتح ڪيو. پوءِ دهليءَ جي شهنشاهن جي نوابن جو سر مقام هوندو هو. شاهه جهان هڪ عاليشان مسجد ٺهرائي جا اڄان تائين چڱيءَ حالت ۾ آهي. ٺٽو، هندستان ۾ موتين جي واپار جو وڏي ۾ وڏو مرڪز هوندو هو. اهي موتي عرب، ايراني نار مان ڪڍي ايندا هئا. ٺٽي ۾ قيمتي ريشمي ڪپڙي جا ڪارخانا هوندا هئا.

ٻيلو، لس ٻيلي جو مکيه شهر. ڪراچيءَ کان پنجاهه ميل اُتر-اولهه طرف هڪ ننڍڙي مقامي رياست آهي. رياست جي سردار کي جام چوندا آهن.

شڪارپور-سري جو پراڻو تختگاهه آهي جتان قافلا، بولان جي دڙي کان قندار ۽ وچ-ايشيا ڏانهن ويندا هئا. ۱۸۳۹ع ۾ جڏهين انگريزن ڪابل تي چڙهائي ڪئي هئي، تڏهن شڪارپور انگريزين ۽ شاهه شجاع جي فوجن جو مرڪز هو.

چنا ۽ پنوهر قومون - چنن جي قوم هاڻي گهٽي اهميت نٿي رکي. انهن کي ڪاهريءَ واريءَ ايراضيءَ ۾ زمينون آهن. پنوهرن جي قوم سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهي. اوائلي راوي لکن ٿا ته پنوهرن جو سردار هڪ طاقتور شخص هوندو هو.

ڪڇي، اُتر اوير سنڌ ۽ قلات جي جبلن جي وچ ۾ هڪ پٽ آهي.

حب ندي - جا سنڌ کي قلات جي خان جي علائقي کان جدا ڪري ٿي. سا ڪراچيءَ کان ١٦ ميل اولهه طرف وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

لاهوري (لاهري) بندر ۽ شاهي بندر ڪنهن زماني ۾ سنڌ جا مشهور بندرگاهه هئا. لاهوري بندر سمنڊ کان ١٦ ميل اندر، سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وٽ ڪارين جي وچ ۾ هو ۽ گهاري ڦاٽ جي رستي ڪراچيءَ سان ڳنڍيل هوندو هو. لاشڪ اهو به شاهه بندر وانگر ڪارين جي لٽجي وڃڻ ڪري ويران ٿي ويو. لاهوري بندر ڪيترين صدين تائين سنڌ جو هڪ اهم بندرگاهه هوندو هو. اهو چوڏهين صديءَ جي اوائل ۾ مشهور سياح 'ابن بطوطه' پڻ ڏٺو هو ۽ تحقيق ان وقت جي اهم بندرن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. ان جو زوال ارڙهين صديءَ جي

ڪوڙيِ ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ جي رياستن جو ننڍڙو رپيو آهي، ان جي مختلف هوندي آهي . پر عمومن انگريزن جي رپيي جي پائليءَ جي لڳ ڀڳ سمجهي ويندي آهي. ان وقت رپئي جي قيمت ٻن شلنگن کان ٿوري مٿي هئي پر هن وقت هڪ شلنگ ۽ چار پينس آهي. ١٨٨٦ع ۾ جڏهن بمبئي جو گزيٽيئر مرتب ڪيو ويو هو، تڏهن ڪڇ ۾ ٣٧٩ ۽ پوربندر ۾ ٣٠٠ ڪوڙيون، ١٠٠ شاهي رپيئن جي برابر هيون. پر پوربندر جو راڻو پنهنجي آمدنيءَ وڌائڻ لاءِ چالاڪي ڪري ڏلون ڪوڙين ۾ وٺندو هو ۽ وري ڪافي تعداد ۾ سڪن نهرائڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو هئائين. نتيجو اهو نڪتو جو غريب رعايا کي ڪوڙيون خزاني مان وري وري خريد ڪرڻيون پونديون هيون. ڪوڙيون حيدرآباد ۾ مطبع ٿينديون هيون ۽ اهي غالبن ڪڇ جي سڪي جهڙيون هونديون هيون. انگريزن جي رپئي جي مقابلي ان جي قيمت جو ذرو مدار ان جي بناوت ۽ صفائيءَ تي هوندو.

جوکيا - ڏسو نوٽ اڳين صفحن تي. اولهه هندستان ۾ حيدرآباد دکن تائين. ڏيهي حاڪم جوکين کي پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکندا هئا. جيئن ڪنگ (شاهه) لوئي (لوئيس)-II، اسڪاٽلئنڊ جا ماڻهو پاڻ وٽ ملازم رکيا هئا، جي يعني بعضي ڏاڍو زور وٺي ويندا هئا، انگريزن عملدار انهن کي مڪراني يعني مڪران جا رهاڪو ڪري سڏيندا هئا. مڪران عمان جي نار جي بلوچستان واري حصي کي چوندا آهن.

مگر پير : ڪراچيءَ کان ١٢ ميل اُتر طرف مشهور پاڻيءَ جو تلاءُ آهي. جنهن ۾ گرم چشمن مان پاڻي ايندو آهي. عام مشهور آهي ته انهن چشمن جو پاڻي صحت بخش آهي. ان جي پرسان هڪ قديم مسلمان وليءَ جو مقبرو آهي. جتي گهڻا ماڻهو زيارت لاءِ ايندا آهن. انهيءَ تلاءَ ۾ وڏا واڳون يا مگرمڇ آهن. تنهنڪري انگريزن ان جو نالو منگهي پير مان ڦيرائي مگرپير رکيو آهي.

(ڏسو سر رچرڊ برٽن جو ڪتاب ”سنڌ جو پيو سفر“)


نصرپور، حيدرآباد کان اٽڪل سورهن ميل اُتر-اوڀر طرف آهي. ان جي آبادي اٽڪل ٤٥٠٠ ٿيندي. مشهور ۽ بااثر نعاري نوابن جي

گومتي يا دوارڪا ۽ بيٽ، ڪاٺياواڙ، اپبيٽ جي اُتر-اولهه واريءَ آڪنڊ ۾ هندن جون ياترائون آهن. واگهر هڪ شاندار ۽ بهادر قوم آهي. هو اڳئين زماني جي ٺڳن وانگر نيم مسلم ۽ نيم هندو آهن. ڪيترا سال سمنڊ جي ساحل تي ڌاڙا هڻندا هئا ۽ ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ جي شهرن ۾ لٽ مار ڪندا رهندا هئا. ١٨٠٧ع ۽ ١٨٧٣ع جي وچ ڌاري انگريز سرڪار هندن جي گوشمالي لاءِ تعزيري مهم شروع ڪئي. ڪجهه وقت ڪان وٺي انهن جي ٺاپر آهي. اوکا منڊل جو ننڍڙو علائقو، جتي هو رهندا آهن، هميشه گائڪواڙ کي خراج ڏيندو رهيو آهي.

هنگلاج، مڪران ۾، عربي سمنڊ کان ١٢ ميل ڪراچيءَ کان ٦٠ ميل پري، هندن جي پوتر تيرٿ آستان آهي. ڏاڍو ڏکيو پنڌ آهي. اهو تيرٿ، هندستان کان اولهه طرف سڀ کان ڏورانهين جڳهه آهي. جتي هندن کي وڃڻ جي اجازت آهي. جيڪو ان کان پري ويندو آهي، تنهن کي ذات مان ڪڍي ڇڏيندا آهن. هنگلاج ۾ ڪالي جو هڪ ننڍو مندر آهي.

سيتارامي، جيڪو پوني ۽ مغرب هندستان ۾ پٽلي سڏبو آهي، سو وينس شهر جو سونو سڪو آهي ۽ جو مڪران ۾ مروج آهي. پر ڏکڻ ۾ زالن جي هارن ۾ زيورن طور ڪم ايندو آهي. هاڻي هندو سونارا به سيتاراميون ٺاهيندا آهن. اُهي اهو لفظور مختلف قسمن جي ننڍن سونن سڪن لاءِ به ڪم ايندو آهي. رام هندن جو مشهور ديوتا هو ۽ سيتا هن جي پتني هئي. هندن جي خيال ۾ وينس جي سڪن تي جي شڪليون آهن، سي انهن ديوتائن جون آهن.

گگر - سنڌ گزيٽيئر مطابق، مشرقي هندستان جو واپار جو ڏوپ آهي. اهو ڏوپ هڪ وڻ مان نڪرندو آهي. جو سنڌ جي ڪوهستاني علائقي ۾ عام ٿيندو آهي. (خراني مٿان سؤ مڻ گگر جا پاڻيءَ ۾ ٻوهي لنبيا ويا آهن. زمين اهڙي ته سخت ٿي ويئي هئي، جو ڪوٺي ڪڍڻ ۾ ويهن ماڻهن کي مهينو لڳو.) هن موقعي تي ڏسجي ٿو ته گگر گهڻي انداز ۾ ڪم آندو ويو آهي. گگر اوٻاري چوني سان ملائجي ته سيمينٽ جهڙو سخت ٿي پوندو.



سنجيہ جيئن ئي گهر ۾ آيو، ماءُ کي سڏ ڪيو، ”اَمان! اَمان! ٻُڌ تہ.“ ماءُ تہ رنڌڻي ۾ ڪم ڪرڻ ۾ رُڌل هئي. پُٽ جو آواز ٻُڌي هٿ اُگهندي رنڌڻي کان ٻاهر آئي ۽ چيو، ”ڇا آهي؟ ايترو گوڙ ڇو مچايو اَٿيئي؟“ سنجيہ جواب ڏنو، ”اَمان، تون ٻُڌندينءَ تہ حيران رهجي ويندينءَ. شهر ۾ ڪو سنت آيو آهي. ماڻهون ٿا چون، سندس آشيرواد سان هر مُشڪلات آسان ٿي ويندي آ، ۽ گڏوگڏ ڪوبہ دکہ درد دوُر ٿي ويندو! هرروز هزارن جي تعداد ۾ سندس درشن ڪرڻ ٿا اچن. اَمان، اسانکي بہ ڪنهن ڏينهن سندس درشن ڪري آسيس وٺڻ کپي.“

پُٽ سنجيہ جو اهو ويچار ٻُڌي، ماءُ تہ سوچ ۾ پئجي ويئي. ڪيس تہ انهن ڳالهين ۾ بلڪل وشواس ڪونہ هو. پر پُٽ جي خوشيءَ کي تہ ڏسڻو هوس، انڪري ڪنهن ڏينهن سنت وٽ هلڻ لاءِ ’ها‘ ڪري ڇڏي ۽ بي دليو رنڌڻي ۾ روٽي ڪرڻ هلي ويئي. ڪم ڪندي سوچ ۾

ڳوٺ جي ويجهو آهي. شهر قديم آهي. چون ٿا ته ۹۸۹ع ڌاري نصير مهاڻي نهرايو هو. شهر ۾ ٻه مشهور مقبرا آهن. مقبرا نهايت مضبوط ٺهيل آهن. بنياد پٿر جو اٿن ۽ مٿان ڪاشيءَ جي سرن جو ڪم ٿيل اٿن. اهي ۱۵۰ سال اڳ، محمد شاهه نالي ڪنهن شخص جي يادگيريءَ ۾ نهرايا ويا هئا. هر سال ميلو لڳندو آهي. جتي هزارين مسلمان ايندا آهن. شهر ۾ ٽي مشهور پير رهندا آهن.

ڦليلي، سنڌو نديءَ جي هڪ ننڍي شاخ آهي. هن وقت ان کي آبپاشيءَ لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. اهو واهه حيدرآباد کان لنگهي، ڪڇ جي رڻ تائين هڪ وڏيءَ ايراضيءَ کي آباديءَ لاءِ پاڻي پهچائيندو آهي.

گهارو، ڏابيجي اسٽيشن کان اٺ ميل پري، ميرپور ساڪري تعلقي ۾ آهي. ان جي آبادي هاڻي اڳي کان اڌ جيتري آهي. يعني ۸۰۰ کان ۱۰۰۰ ماڻهو ٿيندي. گهارو ڀنڀور جي قديم قتل شهر کان گهڻو پري نه آهي. گهڻن ماڻهن جو خيال آهي ته ڀنڀور ديبل جو پراڻو شهر آهي جنهن تي ۷ صديءَ ۾ پهرين عرب فاتح حملو ڪيو هو. ٻين محققن جو خيال آهي ته ديبل ۽ ٺٽو هڪ ئي شهر آهي.

مڪليءَ جو ٽڪريون، ٺٽي کان ٻه-ٽي ميل پري هڪ ڏگهي، چوني جي پٿرن جي پهاڙين جي قطار آهي. جهرڪ به سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪپ تي ٺٽي ۽ ڪوٽڙي جي وچ ۾ حيدرآباد سامهون.

ريال - انڪل ٻن رپين جي قيمت جو ميريا تيرسا ڊالر، مڪران جي ساحل ٿي مروج هو ۽ گهڻي انداز ۾ زنجيبار کان چانديءَ لاءِ برآمد ڪيو ويندو هو. ۱۸٦۷-٦۸ع واري جي لڙائيءَ ۾ انگريزي فوج سڪي طور ڪم آڻيندي هئي.

گوبندي - سڪا رنجيت سنگهه قلب ڪرايا هئا، انهن تي سکن جي گرو گوبندسنگهه جونالو هوندو هو.

شهيدي-سڪا : گول خواهه چورسا، ايران ۾ شهد يا تجريز ۾ قلب ڪيا ويا هئا. اهي سنڌ ۾ شڪارپوري واپاري ڪم آڻيندا هئا.

نيس رسائڻ وارو ڏينهن هو. ناني ۽ نانيءَ جو روئي روئي بُرو حال ٿيو هو ۽ مونکي اُهي پل اَڃان تائين چٽا ياد آهن.

ساهري پهچي گرهه-پرويش جون سڀ رسمون پوريون ڪيون ويون. چوڌاري خوشيءَ جو ماحول هو. گهر جا سڀ ڀاتي نچي ڳائي رهيا هئا. مون اکين جي پنبڻين مان ڏٺو تہ منهنجو گهوٽ سُندر تہ هو پر تندرست بہ هو. نوجوان هو، منهنجو من خوشيءَ وچان جهومي اُٿيو. مون من ئي من ۾ ان لاءِ ايشور در ڌنواد چيئي. اهڙيءَ طرح منهنجي گرهستي جيون جي گاڏي هلڻ لڳي. ڏينهن، مهنا ۽ سال گذرندي مان ٻارن جي ماءُ بڻجي ويس. ہ ڌيئر ۽ هڪ پٽ.

پوءِ آيو زندگيءَ جو ٻيو موڙ. گرهستي وڌڻ سان گڏوگڏ اَلائي ڇو، گهر ۾ اَشانتيءَ جو ماحول اچي ويو. ڇو تہ ڪٽنب وڌڻ سان خرچ بہ وڌڻ سپاويڪ هو. روز روز گهر ۾ ڪنجهہ ڪنجهہ، ڪِرڪِر ٿيندي رهندي هئي. ڇو تہ نريندر ڪم ڪرڻ جي معاملي ۾ سُست هو. وڏن ڀاتئرن صاف صاف شبدن ۾ چيو، ”نريندر پڙهيل لکيل آهي، ڪيس چنتا روزي روٽيءَ جي ڪرڻ کپي.“ روز روز اهڙا طعانا ۽ گهہ پيءَ ٻڌي مونکي چڙ لڳندي هئي ۽ سڙاپجي ويندي هيس. ننڍن ٻارن کي وٺي اسان ڪيڏانهن ونداسين؟ گڏيل پريوار ۾ سڀ ملي رکو سکو کائي اُٿندا آهن. نريندر کي جڻ ڪنهن ڳالهہ جي چنتا ئي ڪونہ هئي.

يادگيرين جي پٽي تي نظارا اُڀرندا پئي ويا. اُها ڪيتري نہ منحوس ڀاڳ واري ڪاري رات هئي. نريندر ان رات گهر واپس ڪونہ وريو. ساري رات انتظار ڪري مان پنهنجو ڀاڳ ۾ ٻڌندي رهيس، الائي کهڙا کهڙا گندا ويچار ايندا رهيا. اَهڙي طرح سڄي رات جاڳندي اکين ۾ ڪاٽي. صبوح ٿيندي ئي مون گهبراهٽ وارو لهجو کٽي گهر وارن کي ٻڌايو تہ سڄي رات نريندر گهر ڪونہ موٽيو آهي. ۽ اهڙو واقعو سندن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو آيو هو. سس ٻڌندي ئي گهر ۾ روئداد شروع ڪيو. چوڌاري ڊڪ ڊوڙ شروع ٿي ويئي. پوليس ٿاڻي ۾ بہ رپورٽ ڪئي ويئي. ان ڏينهن گهر ۾ چلهہ نہ ٻري. ڳولهيندي ڳولهيندي سڄو ڏينهن انتظار ۾ گذريو. اها منهنجي ڳالهہ ناناٽي تائين پهتي. انهن بہ خوب ڳولها ڪئي. ڪجهہ پتو ڪونہ مليو. ائين ڇهہ مهنا گذري ويا. پاڙي اوڙي ۽ برادريءَ ۾ آس پاس اها ڳالهہ باهہ وانگر ڦهلجي ويئي تہ سُشيلا جو گهوٽ گهر ڇڏي

پئجي ويئي. سوچڻ لڳي، ”ماڻهن جون پاوَنائون بہ عجيب آهن. ڪوئي غريبن جي تہ شيوا ڪونہ ٿو ڪري، پر ساڌن ۽ سنتن کي پنهنجو پاڻ کي اَرپڻ ڪري ٿا ڇڏن. ڪهڙي سماج جي ونڊ بنان آهي؟“ سوچيندي سوچيندي هوءَ پنهنجي ماضيءَ ۾ کوهجي ويئي.

”ننڍي عمر ۾ ئي سندس مٿان ماءُ پيءُ جي ڇانوَ لهي ويئي. منهنجو پالڻ پوشڻ ناناڻي گهر ٿيو. گهر ۾ اڪيلو سنتان هئڻ جي ڪارڻ لاڏ پيار سان پالڻ ٿيو. پر اهڙو لاڏ پيار گهڻي عرصي تائين ڪونہ هليو. ايشور ماءُ پيءُ کي پاڻ وٽ سڏي ورتو ۽ مان پنهنجي ناناڻي گهر آيس. اُتي ئي پالنا ٿي. تعليم بہ اُتي ورتي. منهنجي هڪ مامي کي بہ پٽ هئا.“ هوا جي لهرن وانگر ماضيءَ جون يادگيريون آيون ۽ ويون پئي.

”اَڃان ڏهون درجو مس پاس ڪيو هو، اوچتو نانيءَ کي منهنجي شاديءَ جي چنتا ستائڻ لڳي. روز روز ناني، ناني ۽ مامي کي چوندي، ”ڌيءَ تہ بانس وانگر وڌندي ٿي وڃي. پنهنجي جيئري ڪو سکيو ستابو گهر ڏسي سندس هٿ پيلا ڪري ڇڏيون. اسان ٻڍن جو ڪهڙو ڀروسو؟ ڪڏهن ٿا وڻ جي شڪل پنن وانگر هوا جي هلڪي جهونڪي سان هلندا ٿيون. وري اسان جي ڌيءَ بہ شهڻي سياڻي، سڀ ڪم ۾ هوشيار، ڪوبہ سُٺو گهر ٿوري ڏيتي ليتي وٺي ڪيس پنهنجي نونهن ڪري ۾ فخر وٺندو ۽ راضي ٿيندو.“ روز روز ساڳي ڳالهہ ٻڌي ٻڌي ناني بہ گنڀيرتا سان هن ڳالهہ کي ورتو ۽ پوءِ تہ ڪنهن سٺي وَر جي تلاش ٿيڻ شروع ٿي. پرسان ئي ڪنهن ننڍي شهر ۾ ناني جي سُڃاتل ڪنهن دوست جا رشتيدار هئا. وڏو ڪٽنب هو. ماءُ ، ٽي پائر، بہ نونهر سندن ٽي چار ننڍا وڏا ٻار. هڪ شادي ڪيل ڀيڻ، جا پنهنجي ساهري ۾ سکي هئي. اَبن ڏاڏن جي ٿوري زمين هئي، جنهن مان سڄو ڪٽنب پلبو هو. گهوٽ نريندر پائرن ۾ ٽيون نمبر هو، ٻارهين تائين پڙهيو ۽ منهنجو وهانءُ هن سان ڪرايو ويو. ناني پنهنجي شڪتي آهر جيترو ٿي سگهيو، ڏنائين. ڇاڇين جو گهڻو آدرڀاءُ ڪيو، شيوا ڪئي ۽ ساهري وارن سان خوب سمان سان درپيش آيو. موڪلائڻ مهل مان سيني سان ڀاڪر پائي ڪافي رُنس. نانيءَ تہ ٽن ڇئن ڏينهن کان کاڌو کائڻ ڇڏي ڏنو. خوشي تہ ڪيس هئي، پر ان ۾ دکہ جي ماترا منهنجي گهر مان هلي وڃڻ جي وڌيڪ گهڻي هئي. جيئن تہ سنسار جي ريت جو آهي. ڌيئر پرائو ڌن هوندو آهي ۽ ڌراوت ڪري پالبو آهي. وداعيءَ جي ڏينهن دل کي

ترسندو ڪونہ آهي. جيون جو چڪر هلائڻو آهي، ڪلي بہ تہ روئي بہ. سس بہ دمي جي بيماريءَ ۾ رمندي رهي. ويچاري پنهنجي پٽ نريندر جي واپس اچڻ لاءِ روئندي رهي، پر ڪيس ليکہ جي سامهون هار ڪائڻي پيئي ۽ آخر هلندي رهي. سڀ رشتا ناتا هٽ رهجي ويا. اَگم ديش ڏانهن راهي ٿي.'' هٽ ڪم ڪري رهيا هئا، دماغ جو سوچڻ چالو هو. ٻار وڏا ٿيا. پٽ ڏهين درجي تائين پهتو هو، ڌيئر بہ پڙهيون پئي. اڄ پورا ٻارهان سال ٿيا نريندر کي گهر ڇڏيندي. سوچيندي مُنهن مان ٿڌو ڇوڪارو نڪري ويو. ٻين تہ ڇڻ وساري ڇڏيو تہ نريندر هنن جو پاتي هو ۽ نندو پاءُ هو. پٽ سنجيہ جي چوڻ تي مون ان سنت جو درشن ڪرڻ لاءِ من پڪو ڪيو.

آرتوار جو ڏينهن هو. شام جو ڇئين وڳي جڏهن سنجيہ سان گڏ پرارٿنا سڀا ۾ گهريس، ڏٺم تہ ماڻهن جي ڇوڌاري پيڙ ۽ گردي ڏني. مون پنهنجي قائل اکين سان ڏٺو تہ سامهون منچ تي سنت جي ويس ۾ نريندر هو. پل پر لاءِ ڄڻ منهنجو ساهہ رڪجي ويو. گيڙو رنگہ جو ڊگهو جهبو، وڏن وارن ۽ ڏاڙهيءَ سان. مٿي تہ چندن جو تلڪ. پنهنجو پاڻ کي وشواس ڏيڻ لاءِ مون ان سنت طرف هر هر ڏٺو. نريندر ئي تہ هو! ائين لڳو هڪ پل چڪر نہ اچي ۽ مان ڪري نہ پوان. منهنجي بدن مان سڀي شڪتي ڄڻ نڪري ويئي. ٻئي ڪڻ مون پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ورتو. چپ چاپ هڪ طرف ويهي رهيس. مون ڏٺو سنجيہ منچ تي سامهون وڃي وڏي شردا سان هٽ جوڙي سنياسيءَ جي اڳيان پنهنجو مٿو ٽيڪي چرنن ۾ رکي ڇڏيو. ڏٺم تہ سنياسي پنهنجا ٻئي هٽ پٽ سنجيہ جي مٿي تي رکي آشيرواد ڏني. گونگي نگاهن سان اچرج ۾ پئي پنهنجن اکين سان اهو نظارو ڏسي رهي هيس، پر ڪجھ ڪچڻ کان مجبور هيس.

گهر واپس اچي پٽ سنياسي مهراج جي وڏائي وڏائي ساراهہ ڪئي ۽ هر هر ڌنيواد جا وچن چيا. مان گونگي ٻڌجي سڀ ٻڌندي رهيس. ڏينهن گذرندا رهيا. هر ڏينهن سنت روپي پتيءَ جو چهرو اکين سامهون گهمندو رهندو هو. حالت اهڙي هئي جو ڪشمڪش ۾ هيس. مان لاچار هيس. انهيءَ من جي مونجهہ جي حالت ۾ ڏينهن گذرندا رهيا. هڪ مهني ڪانپوءِ اوچتو پٽ سنجيہ هٽ ۾ اخبار کڻي گهر ۾ ڊوڙندو آيو. سهڪندي چيائين، ''اَمان! اَمان!، ڏهين درجي مئٽرڪ جو نتيجو ظاهر ٿيو آهي. مان پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر بيٺو آهيان. ڏس نہ اَمان، مون

پڇي ويو آ، دماغ ۾ ويچارن جو چار ڦهلجندو رهيو. ٻارهان سال ائين گذري ويا. نريندر جو ڪٿي بہ پتو ڪونہ پيو. ڪيترا ڪشٽ ڏسي اسانجا ٻار وڏا ٿيا ۽ مان اهڙا ڪشٽ ۽ تڪليفون سهي سهي عمر ڪان اڳ ۾ ستت ئي ڪروڙپ ٿي ويس. گهر وارن تہ سڄو ڏوهہ منهنجي مٿان ڦٽو ڪيو. بين ماڻهن بہ قسمين قسمين جون ڳالهيون ڪيون. لوڪ آهي ٻوڪ. ڪير روڪيندو انهن کي. گهر ڇڏيندي نريندر کي هڪ پل لاءِ بہ اهو ويچار ڪونہ آيو تہ ويچاري شُشيلا ٻارن جي پالنا ڪي ڪيئن منهن ڏيندي؟ جيئن تہ سندس پائرن جو وهنوار ڪافي رُکو ۽ سوارٿ سان ڀريل هو. وري ناني بہ هلندي ٿي. هڪ ٻيو بہ صدمو مليو. ائين لڳو منهنجو هن سنسار ۾ پنهنجو ڪوبہ ڪونهي ۽ هن سنساري ٻيڙيءَ کي هن مهاساگر مان پاڻ هلائي پار ڪرڻو پوندو. ساهري وارن کي عرض ڪيم تہ ٻارن کي پالڻ لاءِ مونکي موڪل ڏين تہ ڪٿي وڃي ڪم ڪريان يا ننڍي وڏي نوڪري ڪريان. پر سيني جو رخ ’نہ‘ جي برابر هو.

زندگي شُڪل وڻ سمان ٿي ويئي. تڪليفن جو بار منهنجي مٿان ڏينهن رات هو. ساهرن جي بي رخي سهڻ جهڙي ڪونہ هئي. وري ٻارن کي ڏسي گهٽي پيڙا هوندي هئي. سوچيندي هيس تہ جڏهن هو وڏا ٿيندا پنهنجي پيءُ جي باري ۾ ضرور پڇندا. ”ان وقت مان ڪشمڪش ۾ ڪين ڇا ٻڌائيندس، ڇا ڪين پنهنجي پيءُ جي وهنوار تي گهرٽا نہ ٿيندي!؟“

پر مون پنهنجي من ۾ پڪو ارادو ڪيو تہ ٻارن جي پالنا، پيار ۽ سوايمان سان ڪندس، پل مونکي ڪيتري بہ محنت ڪرڻي پوي. مون پنهنجي سس کي وينتي ڪئي، مونکي ڪجهہ ڪم ڪرڻ ڏي. جيئن ٻارن کي سکياداڻ ڪري سگهان. پر گهر وارن کي ان ڳالهہ جي صفا چنتا ڪونہ هئي تہ مان گهر ڪان ٻاهر قدم رکان. اهڙين حالتن کي منهن ڏيندي پنهنجي پاڻہ تي پاڙيندي، منهن ڏنو. ڏيري ڏيري ڏيراڻين گهر جو سڄو ڪم منهنجي مٿان رکيو، ڇو تہ مونکي هن گهر ۾ ڪنهن اياڳي جو پد ملي ويو هو. مان پنهنجي ٻارن لاءِ زهر جا ڍڪ پيئندي رهيس. صبوح ڪان رات تائين سڀ ننڍا وڏا ڪم مان ئي ڪندي هيس. رات جو ٻارن کي پڙهائيندي هيس ۽ ڪين پيار بہ ڏيندي هيس.

وقت پنهنجي هلائيندو آهي. هلندو رهندو آهي. ڪنهن لاءِ

چيو هو نہ توکي تہ اها ان سنياسيءَ ۽ آشيرواد جي ڪرپا آهي، مان پڪ
پاس ڏيندس.“ اهو سڀ سنجيہ يڪ ساهي چئي ويو. موئنڪي ائين لڳو ڄڻ
ڪنهن منهنجي ڪنن ۾ گرم گرم تيل وڌو هجي. هي شڪہ ڏيندڙ خبر
ٻڌي ڪري بہ موئنڪي گهرو صدمو بہ رسيو. من ئي من ٻڙٻڙائڻ لڳس،
”مون پنهنجي سڄي زندگي صرف توکي پڙهائڻ ۽ پالڻ ۾ وڃائي. رات
ڏينهن ڪڻ ڪڻ جلندي بہ پنهنجو هڪ هڪ پل توکي سنوارڻ ۾ لڳائي
ڇڏيو، جيئن وڏو ٿي تون فخر سان منهن مٿي ڪري مستقبل ڏاهي سگهين.
هي ڇئي رهيو آهي تہ اهو سڀ سنياسيءَ جي آشيرواد جو ڦل آهي. پٽ
جا هي جملا متڪي وانگر مغز ۾ لڳڻ لڳا. ڇريي کي ڪهڙي خبر
سنياسي ڏيل اهو تنهنجو پيءُ ئي آهي. پنهنجي پريوار کان پري
ذميدارين کڻڻ جي ڊپ کان ڀڄندي ڀڄندي فقط پنهنجي لاءِ پنهنجي
هيءَ دنيا ڏاهي آهي ۽ وسائي ويٺو آهي. اهڙي اِنسان کي شادي ڪرڻ جو
ڪوبہ اڌڪار ڪونهي. پٽ جي هن وهنوار سان موئنڪي پنهنجو مستقبل
انڌڪار پريل ڏسڻ ۾ آيو. هواڪ ۽ نراشا سان منهنجا وار ڪڙا ٿي ويا ۽
ڏکڻ لڳس. سامهون بيٺل پنهنجي ٻن ڏيئن کي ڏسي اکين مان لڳاتار
ڳوڙهن جي ڌارا وهڻ شروع ٿي ويئي. پوءِ ڏڏو ساهہ کڻندي پنهنجو پاڻ
کي چيم، ”نہ! نہ! مان اهڙو ڪم ڪونہ ڪندس، موئنڪي تہ اَڃان پنهنجي
ڏيئرن لاءِ جيئرو رهڻو آهي!“

*****

